انقلابي نظرئي سان هٿيار بند ٿيو

سنڌي عوامي تحريڪ

قيمت ٣-٠٠ رپيا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انقلابي نظرئي سان هٿيار بند ٿيو!

انقلاب آڻڻ لاءِ هڪڙي انقلابي تنظيم لازمي آهي. ۱۹۱۷ع واري روسي انقلاب کان اڳ سرمائيداري دور ۾ پورهيت طبقي اڪثر وڏيون وڏيون قربانيون ڏنيون، وڏيون هڙتالون ڪيون، عوام دشمن قوتن خلاف پٿرس ڪيون جهڙپون ڪيتريون وڏيون شروعاتي سوڀون حاصل ڪيون، پر هو جلد ئي پوئتي پٺي شڪستون کائي، سڀ ڪجهه ٺڙائي ۾ في الحال سچا مڪڙا ٿي وياه ان ڳالهه جا جيڪي ڪيترا سبب هئا انهن منجهان هڪڙو اهو هو ته عوام جي اڳواڻي ڪرڻ لاءِ ڪا صحيح نموني بنايل ۽ صحيح ڍنگ سان هلندڙ انقلابي پورهيت تنظيم ڪانه هئي.

اها تنظيم ڪهڙي هجي، ان ۾ ڪنهن ڪي ڪنهن کي شامل ڪجي، ان جا فيصلا ڪيئن ٿين، ان جي پڌي ڪيئن قائم ٿئي، ان جي اڳواڻي ڪير ۽ ڪيئن ڪري، انهن ڳالهين تي سڄي دنيا جي انقلابين ۾ وڏا بحث مباحثا هليا. تان جو لينن اڳي مارڪس ۽ اينجلس جي تعليم جي روشنيءَ ۾ انهن سمورن بحثن ۽ اوستائين ڏيل سموري انقلابي تجربي جو نچوڙ ڪڍي، هڪڙي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صحيح مارڪسي، ليننسي انقلابي پورهيت تنظيم جو
نظريو ۽ رٿا پيش ڪئي. ان رٿا جي سخت مخالفت
ڪئي ويئي. ايتريقدر جو سندس تنظيم جا ذري گهٽ
اڌ جيترا ساٿي ان مسئلي تي ساڻس اختلاف رکي،
سندس دشمن ٿي پيا ۽ وڃي پنهنجو الڳ ٽولو ٺاهيائون.
تاريخ ۾ انهن کي مينشويڪ سڏجي ٿو. انقلابي تنظيم
بابت مارڪسي ليننسي تعليم جي روشنيءَ ۾ چين، ويٽنام
۽ دنيا جي ٻين گهڻن ملڪن جي انقلابين به انقلابي
تنظيمون ٺاهيون ۽ انقلاب جي سائنس ۾ نوان تجربا ۽
واڌارا ڪيا. هن ملڪ ۾ بدقسمتيءَ سان اسان کي
مارڪسي، ليننسي تنظيم بدران ان جي نالي ۾ هڪڙو
پاهران آندل ٽولو مليو، جنهن جا مفاد هن ملڪ جي
وسيع عوام جي مفادن جي ابتڙ هئا. هنن هڪڙي
انقلابي تنظيم ٺاهي عوام لاءِ ڪم ڪرڻ بدران هڪڙو
سازشي انقلاب دشمن ٽولو ٺاهي عوام خلاف ڪڌا ڪرتوت
ڪيا. هنن عوام جي گهڻائيءَ جي فائدي واري انقلابي
سياست بدران پنهنجي ننڍڙي ٽولي جي فائدي واري
گلا خوري، چڙواڳي، پٽاڪ، ڪوڙي پروپيگنڊا ۽ هٿ
ٺاٺ جي انقلاب دشمن سياست کي رائج ڪيو ۽ انقلابي
ڪارڪنن کي تيار ڪرڻ بدران چاڙي باز، لانڪي،
مڪريل ۽ فتني خور ڏوتيون پيدا ڪيائون، جن کي
جدوجهد بدران سازش ۽ جاسوسي ڪرڻ ۽ ففٿ ڪالم
بنجڻ جي تربيت ڏنائون. هنن ماڻهن هن ملڪ ۾ خاص

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري مظلوم قومين جي عوام مٿان انقلابي سياست
جي نالي ۾ پنهنجي ننڍڙي عوام ڪان ڪٽيل ۽ عوام
جي جاني دشمن ٽولي جي رجعت پرست ۽ عوام دشمن
ڊڪٽيٽرشپ مڙهي، سندن انقلابي جدوجهد کي ڪيترائي
سال لوڙهو هڻي، ڪين بيوس ۽ بيواهه بڻائي ڇڏيو.

جتي ظلم آهي اتي ظلم خلاف نفرت پيدا ٿئي ٿي
۽ ان سان مقابلو ٿئي ٿو. ملڪ جي ٻين علائقن جي
ماڻهن وانگر سنڌ جي ماڻهن ۾ به هن انقلاب دشمن
ڊڪٽيٽرشپ خلاف نفرت پيدا ٿيڻ لڳي ۽ جنهن رڪي
رڪي نيٺ وڃي هڪ ٽانڊي جو روپ ورتو. سنڌ جي
انقلابي وطن دوست ڪارڪنن انقلاب دشمن نقلي ترقي
پسند ٽولن جي سنڌ دشمن ۽ عوام دشمن نظرياتي ۽
سياسي ڊڪٽيٽرشپ خلاف سنڌ اندر نظرياتي، تنظيمي
۽ سياسي جدوجهد جو جهنڊو بلند ڪيو. هنن سمورن
انقلاب دشمنن جي ذاتي الزامن، بهتانن، فتنن، سازشن،
پروپيگنڊائن ۽ مخالفتن جو وڏي سهپ، ثابت قدمي،
اورچائي، حوصلي، مڙسي، دليري ۽ سورهيائيءَ سان
مقابلو ڪري طوفاني حملن جي وچان پنهنجي انقلابي
وطن دوست تنظيم جو پايو وڌو. اها تنظيم جيئن طوفانن
جي وچ ۾ پيدا ٿي آهي تيئن لڳاتار طوفاني دورن مان
لنگهندي رهي آهي. ٿوري عرصي ۾ ڪيس تمام گهڻن
کليل توڙي ڳجهن محاذن تي ڇتيون ۽ زبردست
ويڙهون ڪرڻيون پيون آهن. ملڪ جا حاڪم طبقا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيس هميشه پنهنجي اک جو ڪنڊو ڪري سمجهندا
رهيا آهن. ڪوبه ڏور، ڪابه حڪومت اهڙي ڪانه
آئي آهي جنهن ان تي ڇتا حملا نه ڪيا هجن ۽ ان
کي طرحين طرحين جا ڳهرا وجهي، ڦاسائي ناس
ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪئي هجي. نقلي ترقي پسند ۽
نقلي قوم پرست ٽولا جيڪي ظاهري طرح حاڪمن جا
مخالف ۽ عوام جا ڳهٽڳهرا پنهنجي عوام جي وچ ۾
ويٺا آهن ۽ جيڪي وقت بوقت حاڪمن ۽ هڪٻئي سان
ذاتي ۽ ٽوليبازي جا اختلاف رکندي به حقيقت ۾ حاڪم
طبقن جي ئي عوام دشمن سياست وڏيڪ هوشياري،
چالاڪي ۽ ڏاهپ سان هلائي رهيا آهن، سي به انقلابي
وطن دوست تنظيم تي حملا ڪرڻ لاءِ ۽ ان کي ڪچلڻ
لاءِ ننهن چوٽي جو زور لڳائيندا رهيا آهن ۽ ان ڳالهه
۾ هڪ ٻئي کان گوءِ کڻڻ جي ڪوشش ڪندا رهيا
آهن. گهڻو ڪري هو هڪ ٻئي سان اختلاف رکڻ جي
باوجود انقلابي وطن دوست عوام ۽ تنظيم خلاف ويڙهه
۾ هڪٻئي جا ٻانهن ٻيلي ٿي پئي رهيا آهن. انهن
سان ڪابه ڌر انقلابي وطن دوست ڪارڪنن خلاف
ڪابه ڪوڙي پروپيگنڊا هلائي ٿي ته پيون ڌريون
هڪدم ان کي سر جهلائي، ان جي پروپيگنڊا کي
وڏيڪ زور شور ۽ شد مد سان ڦهلائينديون رهيون آهن.

اهي عوام دشمن، ۽ انقلاب دشمن قوتون نه رڳو
اسان جي تنظيم کان ٻاهر بيهي اسان سان وڙهنديون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهيون آهن. پر اڪثر انهن جي عوام دشمن ۽ انقلاب
دشمن سوچ جا زهريلا اثر ۽ ڪيترا سندن سنوان سڌا
ايجنٽ اسان جي صفن اندر گهڙي اچڻ ۾ ڪامياب
ٿي پئي ويا آهن. اهي اسان ۾ پيهي، اسان جا ٿي،
اسان سان ويڙهه ڪندا رهيا آهن. ڪڏهن ته
هو وڏي رٿابندي ڪري اسان تي اوچتو پٺ کان حملو
ڪري، اسان کي في الحال چڪرائي ڇڏڻ ۾ به ڪامياب
ٿي پئي ويا آهن.

اسان جي تنظيم پنهنجن مقصدن ۽ مرادن جي خيال
کان پورهيت طبقي جي انقلابي وطن دوست تنظيم آهي.
ان جي شروعات کان وٺي اها ڪوشش پئي رهي آهي
ته ڏاڪي به ڏاڪي پنهنجيون تاريخي ورثي طور مليل
ڪمزوريون دور ڪريون ۽ انقلابي عوام جي انقلابي
امنگن جي نظرئي سان هٿياربند هڪ انقلابي وطن دوست
پورهيت تنظيم ۾ جيڪي گڻ، لياقتون ۽ صلاحيتون
هئڻ کپن سي آهستي آهستي، ڏاڪي به ڏاڪي پاڻ ۾
پيدا ڪريون ۽ هڪ صحيح انقلابي وات تي صحيح
رخ وٺي اڳتي وڌون ۽ شاندار سوڀون ماڻيون. ان
مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ اسان جي تنظيم ڪافي
ڪوششون ڪيون آهن. ان پنهنجن نظرين کي پيش
ڪرڻ لاءِ ڪجهه ڪتاب ڇپايا آهن. ڪجهه ڪتابن جا
ترجما ڪرايا اٿئون. ان سلسلي ۾ ڪجهه ڪلاس به
هلايا ويا آهن. تنظيم دشمن لاڙن، نظرين ۽ شخصن خلاف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنظيم اندر جدوجهدون هلايون ويون آهن، انهن ڪوشش
جا چڱا نتيجا نڪتا آهن. ڪيترن انقلابي حلقن ۾ اسان
جي تنظيم کي نظرياتي اعتبار کان هڪ اڳتي وڌيل
تنظيم شمار ڪري ڪافي عزت ڏني وڃي ٿي. تازو
اسان جا هاري سائين، جڏهن صحافين جي جدوجهد ۾
جيل ويا، تڏهن اتي هنن پنهنجي انقلابي چال، رويه ۽
هلت ذريعي پنهنجي قيدي سائين ۾ پاڻ لاءِ ۽ پنهنجي
تنظيم لاءِ وڏي عزت ۽ احترام پيدا ڪيو.

اسان هڪڙي تمام هيٺاهين سطح کان ڪم شروع
ڪري نظرياتي، تنظيمي، سياسي طرح 'ڪين' مان
'ڪجهه' بلڪ سنڌ جي حالتن ۾ 'چڱو ڪجهه' ٿي ويا
آهيون. اڄ اسان وٽ پنهنجو هڪ چڱو تنظيمي پڃرو
ٺهي ويو آهي. اسان جو سنڌ جي ڪجھ علائقن ۾ ڪم آهي.
پنج برادر عوامي تنظيمون هر هڪ سنڌي عوامي تحريڪ، سنڌي
هاري ڪميٽي، سنڌي مزدور تحريڪ، سنڌي شاگرد تحريڪ،
سجاڳ ٻار تحريڪ ڪم شروع ڪري چڪيون آهن
جن مان ٽي يعني سنڌي عوامي تحريڪ، سنڌي هاري
ڪاميٽي، سنڌي شاگرد تحريڪ سنڌ ۾ پنهنجي حيثيت
مڃائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويون آهن. سجاڳ ٻار تحريڪ
جو ڪم شروع ٿي چڪو آهي. سنڌي مزور تحريڪ
جو ڪم چڱي طرح شروع ڪرائڻ لاءِ ڪوششون هلي
رهيون آهن. اسان مختلف اتحادن ذريعي سنڌ توڙي
ملڪي ليول تي پنهنجي وجود کي تسليم ڪرايو آهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ عوام جي اڪثر طبقن ۾ ڌرين سان پنهنجا لاڳاپا قائم ڪيا آهن. ڪاهيءَ ڌر جون ڇهه سرگرم ۽ صحيح قسم جون تنظيمون اسان سان اتحاد ڪري چڪيون آهن. اسان جي شاگرد ساٿين ان اتحاد جو فائدو وٺي، ملڪي ليول تي شاگرد برادريءَ جي اتحاد ۾ هڪ عزت جوڳو ۽ فيصلو ڪندڙ مقام حاصل ڪري ورتو آهي. عوامي تحريڪ کي ڇهن تنظيمن جي اتحاد جي جنرل سيڪريٽريءَ جون ذميواريون سونپيون ويون آهن؛ اميد ته اسان جا مزدور ساٿي، ہار ساٿي ۽ ٻيا ساٿي بهتر ڪم وسيلي پاڻ کي عوام ۽ انقلاب لاءِ ڪارائتو ۽ مفيد ثابت ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيندا.

اهي سڀئي اسان جي عوام ۽ تنظيم کي رات وچ ۾ يا خوش قسمتيءَ سان آسان نموني حاصل نه ڪيون آهن. تنظيم کي اڳتي وڌڻ لاءِ وک وک تي سڀ طرفي ويڙهه ڪرڻي پيئي آهي ۽ ڏکيون اڙانگيون، جدوجهد هلائڻي پيئي آهي. اسان کي نه رڳو ٻاهرين دشمنن سان پر اندرين مخالفن سان به منهن ڏيڻو پيو آهي. انهن اندرين توڙي ٻاهرين مورچن تي مقابلن کان پوءِ ئي اسين اڳتي وڌي اڄوڪي منزل تي پهتا آهيون. اڳي وانگر هن وقت به اسان جي تنظيم کي ڪيترا نظرياتي، سياسي ۽ تنظيمي مسئلا درپيش آهن. جن کي حل ڪرڻ کان سواءِ اڳتي وڌڻ تمام ڏکيو آهي. اهي حل صحيح نموني فقط تڏهن ٿي سگهندا جڏهن اسين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن کي راڄوڻي ڳوٺاڻي نمونـي يا پارٽي باڻي جي نموني يا وڏيرڪي، سرمائيدار نموني، مڙئي ٽائم پاس ڪرڻ، ڪم ٽپائڻ جي نموني نه پر، انقلابي پورهيت وطن دوست نظرئي جي روشنيءَ ۾، با اصول طريقي سان صحيح نموني حل ڪندا سون. صحيح جدلي سوچ، صحيح انقلابي پورهيت وطن دوست نظرئي ۾ ڪم ڪرڻ جي طريقي، صحيح سياسي واٽ، صحيح حڪمت عملي ۽ تدبيرن کان سواءِ ڪنهن به انقلابي مسئلي جو جيڪو به حل ڪيو سو غلط ثابت ٿيندو.

پر اسان جا نظرياتي پير اڃا ايترا پڪا ۽ پختا نه آهن. ان صورتحال جا ڪجهه فوري ۽ ترت سبب هي آهن:

(١) جن سائين انقلابي نظرئي جو وسيع ۽ گهرو مطالعو ڪيو هجي، انهن جي اسان وٽ سخت اڻاٺ آهي. جن سائين وچٿرو مطالعو ڪيو آهي سي به آڱرين تي ڳڻڻ جيترا به ڪونهن. البت جن سائين تمام بنيادي ڳالهين بابت بنهه شروعاتي ۽ مٿاڇري ڄاڻ حاصل ڪئي آهي تن جو تعداد تمام چڱو آهي. پر انهن منجهه بہ اهڙا سائي بنهه گهٽ آهن جن هڪ دفعو شروعاتي ۽ مٿاڇري ڄاڻ حاصل ڪرڻ کان پوءِ ان جو مطالعو باقاعدگيءَ سان جاري رکيو آهي ۽ جيڪي هڪ پيرو سکيو اٿن سو وري بہ ورجائي پڪو ياد ڪري ڇڏيو آهي.

(٢) اسان وٽ انقلابي تعليم ڏيڻ وارا اهڙا استاد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بنهہ گهٽ آهن، جي پاڻ سچي ڳالهہ بلڪل چڱي طرح سمجهي، پين کي بہ سيکاري سگهن.

(٣) اهڙا استاد گهٽ آهن جي سيکارڻ لاءِ جتي ضرورت پوي اتي موجود ٿي سگهن.

(٤) اهڙا استاد گهٽ آهن جي هن ڪم لاءِ گهربل مجنت، تياري ۽ جاکوڙ ڪري سگيا ڪي ڪارائتو بنائي سگهن.

(٥) اسان گذريل ڪجهہ سال عام سياسي ڪم جي تمام گهٽي دپاءُ هيٺ رهيا آهيون، تنهنڪري اسين هن ڪم لاءِ گهربل قوتون واندي‌ون ۽ موجود نہ ڪري سگهيا آهيون.

انهن فوري ۽ تـرت سببن کان سواءِ اسان جي نظرياتي ڪچائيءَ جا ڪي ڏورانهان ۽ تاريخي سبب بہ آهن، جن کي ڌيان ۾ رکڻ بہ ضروري آهي:

(١) ناسازگار تـاريخي ۽ جـاگرافيائي حـالتن جي ڪري سنڌ سمن جي دور کان پوءِ ڪڏهن بـہ صحيح معنيٰ ۾ پوريءَ طرح آزاد ڪانہ رهي آهي. صدين جي انهيءَ عرصي ۾ پاهرين بادشاهن يا فوجي سردارن جي سنڌي يا اڻ سنڌي ڦرلٽ، دپاءُ ۽ دهشت سنڌي ماڻهن کي ايڏو ڪچلي ڇڏيو جو هنن جا قومي ۽ طبقاتي حوصلا بلڪل خطا ٿي رهيا آهن ۽ سنڌ قـومي ۽ طبقاتي سياسي سمجهہ تمام ٿورڙي پيل ٿي رهي آهي. ڪيترين صدين کان - وني هتي زندگي جي ڪنهن

به ميدان ۾ ڪا لاهين چاڙهين ۽ ورن وڪڙن واري، ڏکي، اڙانگي ۽ جبري جدوجهد وڏي ساهيءَ ۽ اورچائي سان هلائڻ جي روايت ڪانه پئي رهي آهي. ڪي به وڏا علمي، ثقافتي ۽ نظرياتي ڪارناما ڪرڻ جو ته هتي صدين کان وٺي فقط هڪڙو ئي شاه لطيف جو ئي مثال ملي ٿو. ان ڪري اسان جا ماڻهو علمي، ثقافتي ۽ نظرياتي ميدانن ۾ خاص طرح تمام ڪچا ۽ بي ٻهچ ٿي رهيا آهن. عام طرح هو انهن ميدانن ۾ ڪنهن جبري دشمن جي علمي، ثقافتي ۽ نظرياتي چڙهائي سان ڏکيو عرصو جهي سخت، اورچ ۽ سوڀارو مقابلو ڪري نٿا سگهن.

اسان جي ماڻهن ۾ پنهنجي ذاتي معاملن کان سواءِ وڏن طبقاتي ۽ قومي معاملن تي پوڙهي ۽ سنجيدي سوچ ويچار ڪرڻ جي روايت ذري گهٽ ڪانهي. ان ڪري قديم ۽ طاقتور ذاتي سوچ هر گهڙي ۽ هر موقعي تي نئين ۽ ڪمزور طبقاتي ۽ قومي سوچ سان ٽڪرجندي، ان تي حملا ڪندي ۽ ان کي هيٺ ڪندي رهي ٿي.

(٢) سوشلزم جي نئين دور ۾ دنيا ۾ جيڪي قومي ۽ طبقاتي ويڙهيون ٿيون آهن تن جي پيدا ڪيل سمجهه ۽ شعور جو ورثو اسان کي تمام گهٽ ۽ اڻ-پورو مليو آهي. اسان جي تنظيم ٺهڻ کان اڳ هن دؤر ۾ سنڌ اندر جيڪا ٿوري گهڻي طبقاتي جدوجهد ٿي آهي، ان جي اڳواڻي نقلي ترقي پسندن جي هٿن

۾ پئي رهي آهي. جيڪا قومي ويڙهه ڏي هٿي تنهن
جي اڳواڻي وري وڏيرن جي هٿن ۾ پئي رهي آهي.
انهيءَ ڪري انهن جدوجهدن ۾ سنڌي عوام جي قومي
۽ طبقاتي سمجهه ۾ ڪو خاص واڌارو ڪونه ٿي سگهيو.

(٣) اسان کي صحيح پورهيت ۽ انقلابي نظريي
جو ورثو تمام ٿورو مليو. ٻئي طرف اسان کي تمام
غلط ۽ گمراهه ڪندڙ نظرين جو ڦندو ورثي طور ڳچي
۾ وڌو ويو جو اڃا تائين اسان جي ڳچيءَ ۾ پيو آهي ۽
اسان لاءِ اڳتي وڌڻ ڏاڍو مشڪل ڪريو ويٺو آهي.
دنيا جي انقلابي ملڪن جو نظرياتي ادب اول ته هتي
حاڪم طبقن طرفان اچڻ ئي نه ڏنو ويو. ٻيو ته اهو
گهڻو ڪري انگريزي ۾ هو، جيڪا ٻولي اسان جا عام
انگريزي پڙهيل ماڻهو به چڱي طرح سمجهي نٿا سگهن.
ٽيو ته انگريزي مان جيڪي ترجما ڪيا ويا سي سنڌي
۾ نه پر اردو ۾ ڪيا ويا، جيڪا ٻولي سنڌي پڙهيل
چڱي طرح نٿا سمجهي سگهن. چوٿون ته جيڪي اردو
۾ ترجما آهن سي به، ڄڻ رڳو بيگر لاهڻ لاءِ ڪيا ويا
آهن. ان ڪري اردو پڙهندڙن کي به اهي پوري طرح
مان سمجهه ۾ نٿا اچن. سنڌي ماڻهن لاءِ اهي اهڙا
نڪما آهن، جو انهن جي پڙهڻ کان پوءِ سنڌن مرڳو
انقلابي نظريي جي مطالعي تان ئي ارواح کڄيو وڃي.
پنجون ته جيڪي ايڪڙ ٻيڪڙ ترجما خود سنڌيءَ ۾
ٿيا آهن، انهن ترجمن جو به گهڻو ڪري حال اهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساڳيو آهي. ڇهون ته اسان جو عوام شروعاتي علم
کان به محروم آهي. تنهنڪري جيڪو اپرو سپرو غلط
سلط ۽ هڪ طرفو انقلابي نظريو هن ملڪ ۾ پيش ٿيو،
اهو به عام سنڌي پوري طرح پڙهي ۽ پروڙي نه سگهيا.
ستون ته نقلي ترقي پسندن سنڌي عوام کي نظرياتي
طرح پاڻ پرو ٿيڻ کان روڪڻ لاءِ سدائين نظريي کي
عمل کان ڇني ڌار ڪري، اهو تاثر پئي ڏنو آهي
۽ سنڌي ماڻهن کي گمراهه پئي ڪيو آهي ته انقلابي
نظريي جي مطالعي جي ڪا خاص ضرورت ڪانهي.
ضرورت صرف نام نهاد عمل جي آهي. انهن ته جيڪي
پڙهيل انقلابي نظريي جو چڱو سچارو مطالعو ڪرڻ ۾
ڪامياب ٿيا، تن نه رڳو ان کي عوام جي ڀلي لاءِ
چڱي طرح ڪتب نه آندو پر اڪثر ان کي پنهنجي
معتبري لاءِ ۽ عوام خلاف هڪڙو هٿيار ڪري ڪتب
۾ آندائون. ان ڪري ماڻهن جي نظر ۾ انقلابي نظريي
جي ساک ڪري پئي ۽ ان جي مطالعي جو شوق
گهٽيو. ٻائون ته اسان جي عوام جي سماجي سوچ
تي صدين جون صديون حاڪم طبقن جي خيال پرست
۽ گمراهه ڪندڙ سوچ جو تمام گهڻو غلبو پئي رهيو
آهي. ڪين سڌي يا اڻ سڌي نموني، لکيل توڙي زباني
طرح سدائين خيال پرست فلسفي ۽ سوچ جي ڍنگ جي
تعليم پئي ملي آهي. ان ڪري هنن کي شروعات ۾
انقلابي تعليم اوپري ۽ ڌارين ٿي لڳي. جدليات جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ابتڙن جي ميلاپ جو ڍنگ سکڻ سنڌي ماڻهن کي
شروعات ۾ تمام ڏکيو ٿو لڳي. ان کي عمل ۾ ڪتب
آڻڻ هنن لاءِ ان ڪان به وڌيڪ مشڪل ڪم آهي.

پنهنجي نظرياتي ڄاڻ ۽ صحيح سوچ جي ڍنگ نه
هجڻ ڪري اسان جا ماڻهو سڀ طرفي ۽ حالتن سان
گڏوگڏ بدلجڻ واري صحيح سوچ ڏارڻ ۾ تمام گهٽي
ڏکيائي ۽ مونجهه محسوس ڪن ٿا. هو غلط سوچ جي
هڪڙي هنڌان پلؤ مس آجا ڪري اڳتي وڌن ٿا ته
وري غلط سوچ جي ٻي ڪا پاڙري ڪنڊ کين ڇهنيو
وجهي ۽ هو ڦاسجيو پيهو رهن. ان گهاڻي ڪنڊ مان جند
ڇڏائيندي ڪيترا ئي ماڻهو ڪيٽ ۽ بيزار ٿي پون ٿا.
کين وات تي وک ڪان پوءِ. پر واٽا ۽ چؤ واٽا
نظر اچن ٿا جتي کين هر هر اهو فيصلو ڪرڻو پوي
ٿو ته کين ڪهڙي پاسي وڌڻ گهرجي. مٿي
ڄاڻايل سببن جي ڪري جيئن ته هر هنڌ طرفن جا
نشان تمام ٿورڙا صحيح ۽ تمام گهڻا غلط لڳل هوندا
آهن، ان ڪري هو منجهيو پيهو رهن. جيڪڏهن کين
ڪو غلط طرف وڃڻ لاءِ گهلي ٿو ته پورو نظرياتي
نقشو ۽ حد نشان ذهن ۾ نه هئڻ ڪري هو ڪيترا
دفعا غلط چڪ سان سخت مقابلو ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي
پون ٿا ۽ غلط طرف گهلجيو وڃن، جتان کين ورائي
سنئين گس تي آڻڻ لاءِ وڏي جاکوڙ ڪرڻي پوي ٿي.
ڪيترا دفعا اها جاکوڙ ناڪام ٿي وڃي ٿي ۽ کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سائي هٿ ۾ان ڪريل ۽ وچايل ڪنهن شيءِ وانگر راه هلندي اوچتو ائين وچائجي وڃن ٿا جو ڇڻ هٿا ٿي ڪرن. ان ڪري تنظيم ۾ نظرياتي سڌاري جي تحريڪ هلائڻ ضروري آهي. انقلابي استاد مائوزي تونگ عوام کي سيکاريو آهي ته "سڌارن جو مقصد پوري پارٽي جو تنقيد ۽ پاڻ تي تنقيد ذريعي مارڪسزم جو اڀياس آهي. سڌاري جي تحريڪ دوران اسين خاطري سان مارڪسزم جي باري ۾ وڌيڪ سکي سگهون ٿا" (ڏسو قولن جو صفحو٣).

پيو ته اسان کي هر وقت اها چڪاس وٺڻ جي ضرورت آهي ته اسان جون سوچون، اسان جي ڪم ڪرڻ جو ڍنگ صحيح آهن يا نه؟ جيئن ته هر شيءِ ابتڙن جو ميلاپ آهي. ڇاڪاڻ ته شين جي ابتڙن جي جوڙي مان بہ ڪڏهن ڪهڙو ته ڪڏهن ڪهڙو پاسو ليٽ هوندو آهي ۽ ليٽ پاسي کي زور وٺائڻ جي ضرورت هوندي آهي. ان ڪري وقت به وقت ڏسڻو آهي ته ائين ته ناهي ته اسان اڳئين ليٽ پاسي کي ابترو مٿي ڪنيو آهي جو پيو ڇڱو ابتڙ پاسو موڙ کي بنهه ليٽ ٿي ويو. تنهن کان سواءِ ڪي شيون ۽ ڳالهيون جي ڪلهه هڪڙي حالت ۾ هيون، سي ممڪن آهي ته اڄ بدلجي ويون هجن. تنهنڪري ممڪن آهي ته انهن بابت اڳوڻي صحيح پاليسي هاڻ صحيح نه رهي هجي ۽ هاڻ اسان لاءِ موڙ کي رنڊڪ ۽ بار بڻجي پيئي هجي. مطلب ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر وقت شين ۽ حالتن جي ڇڪاس ۽ ڇنڊڇاڻ ڪندو رهڻ، صحيح رخ ۽ صحيح فيصلن لاءِ اشد ضروري آهي. سائي مائو به اسان کي سيکاريو آهي ته ”جيڪڏهن اسان ڇنڊڇاڻ کان سواءِ اکيون پوري شين سان ڇنبڙيا رهياسين ته اهي اسان لاءِ بار ۽ رنڊڪون ٿي سگهن ٿيون“ (ص ٠٤١). جيڪڏهن اسان جون ڀاڱيسيون ڪٿي بدستور صحيح به هجن ۽ اسان وڏيون سوڀون به ڪيون هجن ته به اهو ضروري آهي ته اسين غرور ۽ تڪبر جو شڪار ٿيڻ ۽ ڏاڪي به ڏاڪي پوئتي هٽڻ ۽ زبون ٿيڻ کان بچڻ لاءِ پنهنجي پنهنجي ادارن ۽ پنهنجي تنظيم جي سيني خامين تي، لڳاتار تنقيد ڪندا رهون. سائي مائو جي چوڻ موجب ”اسان کي ڪنهن ڪاميابي تي مطمئن ٿي ويهي رهڻ نه گهرجي. اسان کي پنهنجين خامين تي لاڳيتو تنقيد ڪرڻ گهرجي: اهڙي ريت جيئن گند صاف ڪرڻ، هٿ منهن صاف رکڻ لاءِ اسين روز هٿ منهن ڌوئون ٿا (ص ١٨٩). ۽ ”جيڪڏهن ڪمري جي صفائي پابندي سان نه ڪئي ويئي ته دوڙ گند ٿي ويندي ۽ جيڪڏهن هٿ منهن پابندي سان نه ڌوئبا ته اهي ميرا ٿي ويندا. اسان جي سائين جي ذهن ۽ اسان جي پارٽي جي ڪم ۾ به گند گڏ ٿي سگهي ٿو ۽ ان کي ڌوئڻ ۽ صاف ڪرڻ جي ضرورت آهي.“ (قول: ص ١٨٩). ٻيو ته هر شيءِ ابتڙن جو ميلاپ آهي، هر شيءِ ۾ ابتڙ ۽ ٽڪر آهن، هر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڻهوءَ ۾، هر تنظيم ۾ اندروني ابتڙ ۽ ٽڪر لازمي آهن. شين جو اهو اندروني ٽڪر ئي شين جي واڌ ويجهه جو اصل ڪارڻ آهي. شين اندر جيڪڏهن ٽڪر ۽ مقابلا نه هجن ها ته سندن وجود ئي ختم ٿي وڃي ها.

هر ماڻهو جي سوچ تي ڪنهن نه ڪنهن طبقي جي سوچ جو غلبو هوندو آهي. سندس ذهن ۾ ان جي ابتڙ خيال به هوندا آهن. انهن ٻنهي ابتڙ خيالن جي وچ ۾ جنگ هلندي رهندي آهي. ممڪن آهي ته هڪڙي ماڻهو جي ذهن تي ڪيئين سال هڪڙي طبقي جا خيال ۽ سوچ حاوي هجن پر پوءِ وري سندس سوچ ۾ ڦيرو اچي ۽ سندس ذهن تي ان جي مخالف يا ٻئي ڪنهن طبقي جا خيال ڇانئجي وڃن.

انقلابي تنظيمن ۾ مختلف طبقن جا ماڻهو اچن ٿا. عام طرح ماڻهو جنهن طبقي جو هوندو آهي، تنهن طبقي جي سوچ ڌاريندو آهي. پر ان جي ابتڙ به ٿي سگهي ٿو. غريب عوام تي اڪثر سندن دشمن طبقن جي سوچ ڇڙا پوشي ڪريو ڪنهن نه ڪنهن روپ ۾ قبضو ڄمايو ويٺي هوندي آهي. اهي دشمن طبقي جا خيال عوام مان زبردست ۽ ڏکي ويڙهه کان پوءِ ئي ڪمزور ڪري سگهجن ٿا. انهن کي بنهه ترڙي ڪيڻ ۽ سندن پاڙون پٽي ڇڏڻ لاءِ ته سڄي عمر جي لاڳيتي جدوجهد درڪار آهي. تنهن کان سواءِ عوام جي فائدي وارن پراڻن خيالن ۽ نون خيالن جي وچ ۾، ۽ صحيح خيالن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ غلط خيالن جي وچ ۾ فرق ۽ نکر ٿئي ٿو. دشمن طبقن جي خيالن ۽ غلط خيالن ۽ پراڻن خيالن کي ڪڍي ڇڏڻ جاءِ تي عوام دوست، صحيح ۽ نون خيالن کي رائج ڪرڻ لاءِ به نظرياتي بحث مباحثو ۽ جدوجهد لازمي آهي.

انقلابي استاد مائو ان بابت ۾ ٿي چيو آهي، "پارٽي اندر مختلف قسمن جي خيالن جي وچ ۾ اختلاف ۽ جدوجهد، سدائين ٿيندي رهندي آهي. سماج ۽ طبقن جي وچ ۾، نين ۽ پراڻين شين جي وچ ۾ جيڪي تضاد آهن، اهي اختلاف ۽ اها جدوجهد انهن تضادن جو ئي عڪس آهي. جيڪڏهن پارٽي اندر تضاد نه هجن ۽ کين حل ڪرڻ لاءِ نظرياتي جدوجهد نه هجي ته، پارٽي جي حياتي جيڪر ختم ٿي وڃي" (قول ص ١٨).

تنظيم اندر اختلافن کي نبيرڻ جو اهوئي جمهوري طريقو آهي. مائو جي چوڻ مطابق "جمهوري طريقو عوام ۾ نظرياتي ۽ اختلافي مسئلن کي نبيرڻ جو هڪ ئي طريقو آهي. جيڪو ڏاڍ، جبر جي بدران بحث مباحثي، تنقيد، قائل ڪرڻ ۽ تعليم ڏيڻ جو طريقو آهي" (ص ٣٨).

اهڙي نظرياتي سڌاري جي تحريڪن ذريعي اسين جمهوري نموني اختلاف دور ڪري تنظيم اندر ايڪتا قائم ڪري، ڪم ۾ واڌارو آڻي سگهون ٿا ۽ پنهنجي ڪم جي صلاحيت وڌائي سگهون ٿا. ائين ڪرڻ سان اسان

جون ويڙهو صلاحيتون گهٽجن بدران پاڻ وڌنديون ۽ اسان مان سياسي ڪوتائي ۽ ڪوڙائي ختم ٿيندي.
استاد مائو انهن ڳالهين کي هيئن بيان ڪيو آهي:

"اسين سرگرم نظرياتي چڪتاڻ جا حامي آهيون، ڇو ته اها اسان جي ويڙهه جي فائدي ۾ پارٽي ۽ انقلابي تنظيمن اندر پڌيءَ کي يقيني بنائڻ لاءِ هڪ هٿيار آهي، هر ڪنهن انقلابي کي هي هٿيار کڻڻ گهرجي" (ص ١٨٢). "نظرياتي چڪتاڻ کي رد ڪيو ۽ غيراصولي امن جو ڳولائو ٿيو ته پوءِ پارٽي ۾ هڪڙو زواليت ڏانهن وٺي ويندڙ چٽائو رويو پيدا ٿيندو، پارٽيءَ جي ماڻهن ۾ سياسي ڪوتائي پيدا ٿيندي" (ص ١٨٨). "پارٽي اندر تنقيد پارٽي تنظيم کي مضبوط بنائڻ ۽ ان جي ويڙهو صلاحيتن کي وڌائڻ لاءِ هڪ هٿيار آهي" (ص ١٨٨).

تنهن ڪان سواءِ اسان جا قومي، طبقاتي ۽ سامراجي دشمن آهن جي هروقت انهي تاڙ ۾ ويٺا آهن ته ڪيئن هن تنظيم جو تختو اونڌايون.

اسان جي تنظيم نه رڳو سنڌ ۽ پاڪستان جي هر قسم، هر رنگ جي عوام دشمن ۽ انقلاب دشمن کي ڪنڊي وانگر هري ٿي، پر اها دنيا جي انهن تنظيمن منجهان آهي جيڪي عالمي سامراج جي ڪک جو ڪان آهن. سڀ عوام دشمن اسان جي تنظيم جي سرجڻ کان وٺي ان جي مخالفت ڪندا ۽ ان کي گهيري ۾ آڻي، چيڀاڻي، ناس ڪرڻ لاءِ الڳ الڳ ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گڏيل ڪوششون ڪندا رهيا آهن. اسين انهن تحملن جي وچان پنهنجي تنظيم قائم ڪرڻ ۽ ان کي هر قسم جي بدنظر کان بچائڻ ۾ ڪامياب ٿيءِ، اچي هيستائين پهتا آهيون. پر ان جي اها هرگز معنيٰ ڪانهي ته دشمن اسان کي معاف ڪري ڇڏيو آهي، يا هو شريف ٿي ويا آهن يا ٿڪجي، بيزار ٿي، پنهنجون بدمعاشيءَ واريون سازشون هميشه لاءِ ترڪ ڪري وڃي گهر ۾ ويهي رهيا آهن ۽ اسين مزي سان بي ڪَٽڪا ٿي اڳتي وڌي سگهون ٿا. نه. ائين هرگز نه آهي. هو ڪڏهن به نه اسان کي بخش ڪري ڇڏيندا ۽ نه وري ٿڪجي، بيزار ٿي اسان جي جند ڇڏيندا، يا اسان کان وير وٺڻ جون ڪوششون ترڪ ڪندا. هو سدائين عليٰ الاعلان ۽ سنوان سڌا اسان جي مخالفت به ڪندا رهندا ۽ ساڳئي وقت ويس بدلائي ڌار ڌار روپن ۾ اسان کان وير وٺڻ لاءِ ۽ اسان کي ڪنهن نه ڪنهن نموني. ڦاسائي ناس ڪرڻ لاءِ اسان جي رستي ۾ ڪٿين ڦند، ڪٿين دام وجهندا ۽ وک وک تي اسان لاءِ کڏون کوٽيندا رهندا. اسان مان بي سمجهه ۽ ڪمزور ماڻهن کي برغلائي يا موقعي پرست ماڻهن کي لالچائي هو عوام جا هٿيار عوام خلاف استعمال ڪندا رهندا. اها ويڙهه تيستائين هلندي رهندي جيستائين يا ته، هو اسان کي ختم ڪن يا اسين کين ختم ڪري ڇڏيون.

چڙهڻ ڏکيو آهي پر نڀائي جران ڪرڻ وڌيڪ ڏکيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. ڪنهن به هنڌ جي انقلابي عوام لاءِ پنهنجي انقلابي تنظيم قائم ڪرڻ سولي ڳالهه ڪانهي، پر اها تنظيم قائم رکڻ، هلائڻ، ان کي اندرين ٻاهرين حملن کان سلامت رکڻ ان کان گهڻو ڏکيو آهي. ڪنهن ڪري ڪنهن انقلابي تنظيم جي صحيح نموني قائم ٿي وڃڻ، ڪجهه وقت صحيح نموني هلڻ ۽ پنهنجي انقلابي رنگ سلامت رکڻ مان اها خاطري نٿي ٿي ته ڪا اها اڳتي به صحيح نموني قائم رهندي ۽ صحيح نموني هلندي رهندي ۽ پنهنجو انقلابي رنگ سلامت رکندي. هن کان اڳ ڪيئي انقلابي تنظيمون صحيح نموني قائم ٿيون آهن، اڳتي وڌيون آهن، شاندار سوڀون ماڻيون اٿن پر نيٺ اندرين ۽ ٻاهرين دشمن آهستي آهستي ڏاڪي به ڏاڪي هٽي انهن ۾ اندرين ڪوٽ ۽ ڦيٽارو وجهي، ڪين پنهنجي انقلابي رستي تان ٿيڙائي، سندن انقلابي رنگ بدلائي ڇڏيو آهي. اهي ڏالي ۾ ته انقلابي ۽ ڀورهيت هونديون آهن پر حقيقت ۾ عوام دشمن جون پيچ ٻنجي لڙڪنديون رهيون آهن. نه رڳو ايترو پر جيڪڏهن ڪا ڀورهيتن جي انقلابي تنظيم ايتري پڪي پختي ۽ طاقتور ٿي پوي جو اها پنهنجي ملڪ ۾ جمهوري يا سوشلسٽ انقلاب آڻڻ ۾ به ڪامياب ٿي پوي ته به ان ڳالهه جي خاطري ڪانه ٿي رهي ته جمهوري يا سوشلسٽ نظام قائم رهندو يا دشمن انقلابي تنظيم تي اندران ٿي اندر قبضو ڪري ان نظام جو تختو اونڌو ڪري ڇڏيندو. انقلاب ۽ انقلاب دشمن

قوتن جي وچ ۾ سڄي دنيا ۾ جيڪا خونخوار جنگ هلي رهي آهي تنهن جو آخري فيصلو اڃا نه ٿيو آهي. جيڪو ٽيڪ انقلابي عوام اڳتي وڌن پيا ۽ فتح آخر انهن جي ٿي ٿيڻي آهي پر اندرين توڙي ٻاهرين دشمن جا وير وڙهڻ جا منصوبا ۽ جوابي حملا به جاري آهن. پيو ته نهيو پر خود روس، چين ۽ ويتنام ۾ به ڪسي سگهجي ٿو ته پراڻا اثر اڃا به ختم ڪونه ٿيا آهن.

عوام کي هڪ وک اڳتي وڌڻ لاءِ به مقابلو ڪرڻو پوي ٿو ۽ ان هڪ وک جيتري واڌاري کي قائم رکڻ لاءِ عوام کي گهڻا دفعا، ڪيترن ئي مورچن تي پوئتي ڌڪجي پوڻ لاءِ به ذهني طرح تيار رهڻو آهي. سڄي دنيا جي انقلابي عوام کي هر وقت چوڪس، پوري سڄاڳ ۽ تيار رهڻو آهي. ٻاهرين دشمن توڙي سندن عوام جي صفن جي اندر موڪليل، ڳجهي آيل ايجنٽن، عوام اندر ڪمزور ۽ موقعي پرست، آرام طلب، آڪڙ، معتبري ۽ شو بازي جي مرض ۾ ورتل ۽ پين خراب عنصرن تي هر وقت ڪڙي نظر رکڻي آهي. جي ٿورڙو به غافل ٿيو ته عوام جون انقلابي تنظيمون ۽ حڪومتون اوچتو وڏو ڌڪ کائي سگهن ٿيون ۽ انقلابي تنظيمن يا حڪومتن کي فوراً آهستي آهستي، ڏاڪي به ڏاڪي ڦيرائي رجعت پرست ۽ موقعي پرست تنظيمون ۽ حڪومتون بنائي سگهن ٿا. ان ڪري اها ڳالهه هڪ انقلابيءَ جي ذهن ۾ صاف هئڻ ضروري آهي ته انقلابي

تنظيم يا انقلابي حڪومت ۽ نظام قائم ڪرڻ تاريخي طرح فقط هڪ شروعاتي وک وانگر آهي. اصل سفر اڳتي آهي. اصلي ڳالهه انقلابي تنظيم، انقلابي حڪومت ۽ انقلابي نظام کي دشمن کان بچائڻ، هلائڻ ۽ وڌائڻ ويجهائڻ آهي. اسان کي کپي ته دنيا جي ٻين قومن جي انقلابي عوام جيڪي تجربا پرايا آهن تن مان سبق سکون. چيني انقلابي عوام ڌرتيءَ کي ڌوڏيندڙ سوب ڪرڻ تي پهچڻ وقت ماؤ چيو آهي "سڄي ملڪ ۾ سوڀارو ٿيڻ (يعني سڄي ملڪ تي پنهنجي حڪومت قائم ڪري وٺڻ) ڏهن هزار ميلن جي ڊگهي مسافري لاءِ رکيل پهرين وک آهي." (قول: ص ٢١).

ماؤ چيني عوام توڙي دنيا جي عوام کي بار بار چتاءُ ڏنو آهي ته غافل ۽ ويسلا نه ٿيو، هر وقت ويڙهه لاءِ تيار رهو ۽ تمام ڊگهي عرصي تائين ويڙهه جاري رکڻ لاءِ تيار رهو. دشمن جا نظريا ۽ لاڙا جيڪي به ۽ جنهن به روپ ۾ نظر اچن اتي انهن کي سڃاڻي وٺو ۽ سائين موت ۽ حياتي جي جنگ لڙو.

ماؤ چيو آهي ته "جيڪي ماڻهو پراڻي سماج لاءِ گهڻي چاهنا رکن ٿا تن کي جڏهن به ڪو موقعو مليو ته اهي گڙٻڙ پيدا ڪندا ۽ ڪميونسٽ پارٽيءَ جي تختي اٿلائڻ جي ڪوشش ڪندا" (قول: ص ٢١).

"سيني غلط خيالن، سيني زهريلين ٻوٽين، سيني جنن ۽ ديون تي لازمي طور نڪتہ چيني ٿيڻ گهرجي. ڪنهن به حالت ۾ کين بنا انڪاءَ جي پکيڙ جي اجازت

نہ ڏجي“ (ڦول ص ١٣).

”وڏڙهو جذبي ۾ ذري ماتر به گهٽتائي نہ آڻڻ گهرجي. اهڙو هرهڪ خيال غلط آهي جيڪو وڏڙهو جذبي جي شدت گهٽائي ٿو“ (ڦول ص ٥٢).

”اڻين هرگز نہ سمجهڻ گهرجي تہ نئون سرشتو قائم ٿيڻ شرط مضبوط ٿي سگهي ٿو. چاڪاڻ تہ اهو ناممڪن آهي. ان کي ڏاڪي به ڏاڪي مضبوط ڪرڻو پوندو“ (ص ٢٠).

”اسان جي ملڪ ۾ سوشلسٽ نظام قائم ٿي چڪو آهي. پر سياسي ۽ نظرياتي محاذن تي اسان اڃا تائين پوري سوڀ حاصل نہ ڪئي آهي. اهو مسئلو اڃا تائين صحيح معنيٰ ۾ حل ڪونہ ٿيو آهي تہ پورهيت ۽ سرمائيدار طبقن جي وچ ۾ نظرياتي چڪتاڻ ۾ ڪير کٽيندو....

”رکيو انهيءَ ڪري جو اسان فتح حاصل ڪئي آهي تنهنڪري اسان کي سامراجين ۽ سندن ساٿيڙن ڪتن طرفان وير وٺڻ لاءِ چٽين سازشن خلاف چوڪسي رکڻ ۾ ڪڏهن به دير نہ ڪرڻ گهرجي. جيڪو بہ چوڪسي ۾ گهٽتائي آڻيندو سو پاڻ کي سياسي طرح سڪتو ڪري ڇڏيندو ۽ پاڻ سياسي پاڙي ٿي پوندو“، (ص ٥٠).

”گڙٻڙ ڪريو، ناڪامياب ٿيو، وري گڙٻڙ ڪريو، ناڪامياب ٿيو ۽ مرڻ گهڙي تائين اهو عمل جاري

رکو، اهو آهي دنيا جي سڀني رجعت پسندن جو منطق... وڙهو ناڪامياب ٿيو، وري وڙهو، وري ناڪامياب ٿيو، اهڙي طرح سوپ تائين وڙهندا رهو، اهو آهي عوام جو منطق" (ص ٥٠).

"هر رجعت پسند شيءِ هڪجهڙي آهي، جيڪڏهن ان کي ڌڪ نہ هڻبو تہ اها نہ ڀڄندي، هي اهڙين آهي جيئن پٽ ٻهارڻ، ظاهر آهي جتي ٻهارو نہ پهچندو، اتان ڪين ڪچرو پاڻيهي صفا ڪونہ ٿيندو" (ص ٥٠).

"سامراجي ۽ ٻيهي رجعت پرست پنهنجي شڪست ڪڏهن بہ قبول نہ ڪندا ۽ آخري پساهن تائين جدوجهد ڪندا رهندا... اهي مختلف طريقن سان پيچ ڏاهر ۽ گڙ ٻڙ جي ڪاروائيءَ ۾ رڌل رهندا، ۽ هر روز هر گهڙي پيهر طاقت ۾ اچڻ جي ڪوشش ڪندا. بلاشڪ اها ڳالهہ اڻ ٽر آهي، اسان کي ڪنهن حالت ۾ بہ پنهنجي چوڪسيءَ کان غافل نہ ٿيڻ گهرجي" (ص ١٢).

ماڻو چوي ٿو تہ "جيڪڏهن طبقاتي ڇڪتاڻ جي تحريڪ ۽ پيون تحريڪون نہ هلايون ويون ۽ انقلاب دشمن، بڇڙن ماڻهن ۽ هر قسم جي جنن ديون کي منهن ڪڍڻ جي اجازت ڏني ويئي، اسان جا ڪارڪن انهن سڀني ڳالهين تي ماٺ ڪري ويهي رهيا، ڪيترا ڪارڪن تہ دشمن ۽ اسان جي وچ ۾ فرق بہ وساري ويٺا، دشمن جا پاڻهن پيلي ٿي پيا ۽ دشمن ڪين ڪاري ڇڙوڇڙ ۽ پاڙي ڪري ڇڏيو، جيڪڏهن اسان جا ڪارڪن

ڇڪي ٻاهر ڪڍيا ويا يا جيڪڏهن دشمن اسان جي صفن ۾ گهڙي اچڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو ۽ اسان جا ڪيترائي مزدور هاري ۽ دانشور دشمن جي نرم ۽ سخت انگلين آڏو بي وس ٿي ويا ته اهڙي حالت ۾ گهڻو وقت نه لڳندو جڏهن ... مارڪسي، ليننِي پارٽي ٻلاشڪ هڪ ترميم پسند پارٽيءَ ۾ يا هڪ فاشي پارٽيءَ ۾ تبديل ٿي ويندي." (ص ٢٩)؛

اسان جو آئيندو روشن آهي. فتح هر حالت ۾ مظلوم عوام جي، انقلاب جي، جمهوريت، آزادي ۽ سوشلزم جي قوتن جي ٿيندي، پر اڄ جنهن منزل تي اسين آهيون تنهن ۾ اسين اڃا اها ڳالهه نه ٿا چئي سگهون ته ڪو اسان گڏجي توڙي پڌري رجعت پرست ۽ عوام دشمن سوچ ۽ وات کي قطعي ۽ آخري شڪست ڏيئي، نظرياتي طرح مڪمل طور سوڀارا ٿي ويا آهيون، اڃا تمام ڏکيو وڙهڻ هلڻو آهي ۽ گهڻو گهڻو اڳتي هلڻو، تمام دير سان اهو فيصلو ٿيڻو آهي ته سماج ۾ ۽ خود اسان جي تنظيم جي انقلابي پورهيت وات ۽ سوچ ڪنهن ٿي يا رجعت پرست ۽ عوام دشمن وات ۽ سوچ جي سوڀ ٿيي ٿئي. انهيءَ ڪري اسان کي هر وقت پوري سجاڳ ۽ چوڪس رهڻو آهي ۽ ٻاهرين توڙي اندرين مورچن هر قسم ۽ هر رنگ جي سڀ طرفي وڙهڻ لاءِ اٿ ٿي پهر تيار رهڻو آهي: جي اسين ائين ڪندا سون ۽ دشمن جي سازشن خلاف هر وقت پوري سجاڳ نه رهنداسون

تہ اھو بلڪل ممڪن آھي تہ دشمن اسان کي ويسلو ۽ لاپرواھہ ڏسي، اندران سرنگھون هڻي، اسان جي صفن ۾ تباھي مچائي ڇڏي.

ڇوته، سجاڳي ۽ هر صورتحال لاءِ تياري واسطي سڌاري جي تحريڪ هلائڻ ضروري آھي، ان جي وسيلي اسين پنھنجي انقلابي وطن دوست پورهيت تعليم جي ڄاڻ، پروڙ ۽ ان کي سمجھہ سان، حالتن آهر ڪتب آڻڻ جي صلاحيت ۾ وڏا واڌارا آڻي سگھندا سون، اسان جي ڪمزورين کي ظاهر ڪيو ويندو ۽ اسان جي تنظيم جي اندر جيڪو ڪين ڪچرو قدرتي طرح گڏ ٿيو آھي ان کي صاف ڪري سگھبو ۽ اسان ۾ جيڪي دشمن طرفان سرنگھون هنيون ويون آهن تن کي بند ڪري سگھبو. اسان ۾ جيڪي زهريلا جيوڙا داخل ڪيا ويا آهن تن کي ڳولي ڳولي گھڻي حد تائين ناس ڪري سگھبو.

مائوزي تنگ جيڪي ڪجھہ انقلابي جنگ لاءِ چيو آھي سو هن قسم جي انقلابي جدوجھد سان بہ لاڳو ٿئي ٿو. انقلابي جنگ وانگر انقلابي جدوجھد بہ "اھو ترياق آھي جو نہ رڳو دشمن جي زهر کي ختم ڪري ٿو پر اسان جي پنھنجي ڪين کي بہ صاف ڪري ٿو."

هن ملڪ جي انقلابي تنظيمن جي گڏريل تجربي جي ڇنڊڇاڻ ڪبي تہ معلوم ٿيندو تہ انهن تنظيمن کي ڪيترا بنيادي نظرياتي مسئلا درپيش آهن. انهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي چڱيءَ طرح حل ڪرڻ ۾ ڪارڪن تمام گھڻي ڏکيائي محسوس ڪن ٿا ۽ هو عام طرح غلطيون ڪن ٿا. تنظيمن جي زندگيءَ ۾ جڏهن ڪو نازڪ موڙ اچي ٿو ۽ حالتون ”تنظيمن“ کان ڪو تيز واڌارو ڪرڻ جي گهُر ڪن ٿيون. پاليسيءَ ۾ تيزيءَ سان ڪو سڌارو يا ڦيرڦار ڪرڻ جي ضرورت پوي ٿي ته اهڙا ڪارڪن منجهيو پيهو رهن ٿا، هڪ وک به اڳتي چڙهڻ کان هڙ ڪيڏيو پيهو رهن. هو اهڙا ماڻهو ٿيو پون جن جو ذڪر مارڪس هنن لفظن ۾ ڪيو آهي ”جيڪي ماڻهو انقلابي دور ۾ رڳو پراڻي دستور سان چهٽا پيا هوندا آهن. اهي اندا آهن ۽ انهن جي سامهون اوندهه ٿي اوندهه آهي.... اهي عوام جي جوش خروش جو سدائين گهٽ اندازو لڳائين ٿا. جيئن ڪا نئين ڳالهه ظاهر ٿئي ٿي ته هو ڪڏهن به ان کي چڱو نٿا چون ۽ ان جي مخالفت شروع ڪريو ڏين. آخر ۾ انهن کي پنهنجي هار مڃڻي پوي ٿي ۽ پاڻ تي ڏوري گهڻي نڪتہ چيني ڪرڻي پوي پر پوءِ پيري جڏهن ڪا نئين ڳالهه ظاهر ٿئي ٿي ته وري اهو ساڳيو عمل ورجائين ٿا. ڪنهن به نئين شيءِ ۽ هر ڪنهن نئين شيءِ ڏانهن سندن رويي جو هي ٿي نمونو. اهڙا ماڻهو نازڪ موقعن تي اڳتي نٿا وڌن ۽ هڪ وک وڌائڻ لاءِ به سدائين انهيءَ کي ڏکو ڏيڻو پوي ٿو“ (ص ٩٠).

انهن مسئلن مان ڪي مکيہ نظرياتي مسئلا هي آهن:

انقلابي تنظيم ۽ عام ڳليل سرمائيدار وڌيرڪي تنظيم ۾ فرق، جمهوريت ۽ مرڪزيت جي وچ ۾ لاڳاپو، ڇڙواڳ جمهوريت ۽ جمهوري مرڪزيت ۾ فرق، آزادي ۽ ضابطي ۾ لاڳاپو، صحيح تنقيد جو دائرو، وطني دوستي ۽ بين الاقواميت جي وچ ۾ لاڳاپو، عوام اندر تضادن ۽ عوام ۽ عوام دشمن جي وچ ۾ تضادن ۽ انهن کي حل ڪرڻ جي طريقي ۾ فرق وغيره.

انقلابي پورهيت تنظيم ۽ عام وڏيرڪي سرمائيدار تنظيم ۾ فرق: انقلابي پورهيت تنظيمون عام وڏيرڪين ۽ سرمائيدار خالص اليڪشني تنظيمن کان مختلف هونديون آهن. انقلابي پورهيت تنظيمن جي ميمبرن جون آزاديون ۽ حياتيون ڦورو ۽ ظالم عوام دشمن هٿان هميشه خطري ۾ هونديون آهن. ان ڪري تنظيمي رازداري انهن تنظيمن لاءِ حياتي ۽ موت جو مسئلو هوندو آهي. اهوئي سبب آهي جو انقلابي پورهيت تنظيمن جا ميمبر دشمن هٿان عذاب سهي، مرندي مري ويندا آهن پر ڪوڙا، چغل ۽ ڳوال نه ٿيندا آهن. ڪهڙي به حالت ۾ چغل ۽ ڳوال بڻجڻ ۽ تنظيم خلاف پنهنجي پارٽ واري کي تمام ڪريل ۽ خطرناڪ عوام دشمن مجرم ۽ زبردست ملامت جو لائق سمجهيو ويندو آهي. اهوئي سبب آهي جو انقلابي پورهيت تنظيمن ۾ سخت فولادي ضابطي جي ضرورت هوندي آهي ۽ ان ۾ ڇڙواڳ جمهوريت بدران جمهوري مرڪزيت جي تنظيمي اصولن تي عمل ڪيو ويندو آهي.

جيڪڏهن رازداري ۽ فولادي ضابطي ۽ جمهوري مرڪزيت تي عمل نہ ٿئي ها تہ جيڪر ڪابہ انقلابي پورهيت تنظيم صحيح معنيٰ ۾ قائم ٿي سگهي نہ هلي سگهي ها ۽ دشمن انهي تي سرجندي ئي هڪدم حملو ڪري ڪيس تباهہ ڪري ڇڏين ها. تاريخ مان اسان کي معلوم ٿئي ٿو تہ ڪيترا ڀيرا اهڙين ڏيو آهي تہ ڪنهن غدار جي چغلي ۽ يا ڪنهن لاپرواهہ ڀاتي ڪارڪن جي ڀاڪي يا لباڙ جي ڪري انقلابي تنظيمن جي يڪي ليڊرشپ رات وچ ۾ ڀارجي وئي آهي ۽ ڪيترا بهادر انقلابي موت جو شڪار بنايا ويا آهن. اسين تاريخ ۾ اهو بہ ڏسون ٿا تہ هزارين نظرياتي اختلافن جي باوجود هڪٻئي جي مخالف انقلابي تنظيمن جا ماڻهو بہ هڪ ٻئي خلاف چغل نہ ٿيندا آهن. انقلابي ماڻهو تنظيمون ڇڏي ويندا رهيا آهن ۽ انهن خلاف سخت نظرياتي ۽ سياسي جدوجهد بہ ڪندا رهيا آهن پر انهن بابت ڀنڊيون ۽ گواڙيا نہ ڪندا رهيا آهن.

ساڳيءَ طرح دنيا جا انقلابي، تنظيمي ضابطي تي عمل ڪندا آهن. سڀني کا تجويز اڪثريت قبول نہ ڪندي آهي تہ بہ اڪثريت جو فيصلو مڃيندا آهن ۽ تنظيم جي حڪم جي تعميل ڪندا آهن. هڪ ڀيرو ٿيل اڪثريتي تنظيمي فيصلي تي تيستائين سچيءَ دل سان عمل ڪندا رهندا آهن جيستائين تجربي مان اهو غلط ثابت ٿئي ۽ تنظيم پنهنجو فيصلو بدلائي.

دنيا جي انقلابي تنظيمن جي تاريخ جو مطالعو ڪبو ته معلوم ٿيندو ته انهن جي اعليٰ ادارن جو چونڊون خاص حدن اندر خاص قسم جي احتياط سان ٿيون آهن ۽ نه ڪي عام رواجي اليڪشنبازيءَ ذريعي. ايتري قدر جو لينن جهڙي عظيم انقلابيءَ کي هي لفظ چوڻا پيا آهن ”اسان انقلابي سوشلسٽ جمهوريت جي بولشويڪ نمائندن بار بار چيو آهي ته جن ليڪ جي خالقن ۽ ماحول ۾ اسان کي ڪم ڪرڻو پيو پوي تن ۾ پارٽيءَ کي مڪمل طور جمهوري نموني هلائڻ ناممڪن آهي ۽ انهن خالقن ۾ چونڊ وارو اصول فقط وات سان چوڻ جي ڳالهه آهي“ (ڏسو لينن جون چونڊ لکڻيون ١٩٦٢ع واري انگريزي ايڊيشن جو صفحو ٥٦٨).

انهيءَ سوال تان روسي انقلابي تحريڪ ۾ زبردست بحث مباحثا هليا. انهن بحثن هلندي لينن جمهوريت جي باري ۾ غلط مطالبن ڪندڙن کي بار بار ٽوڪيو ۽ سندن مطالبن جي اصليت کي کولي سمجهايو آهي. هو لکي ٿو:

”جمهوري“ اصول جي اصليت ڪهڙي آهي؟

”رابو چي يي ديلو اخبار جيڪي (وسيع جمهوريت بابت) پيڪيدار فقرا پولي ٿي تن جي اصل مطلب تي ٿورو ويچار ڪندؤ ته توهان محسوس ڪندا ته هن آپيشاهي ۽ پوليس راج جي اونداهي دور ۾ پارٽي تنظيم اندر ’وسيع جمهوريت‘ هڪڙي نڪمي ۽ نقصانڪار رانديڪڙي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳالهه سواءِ پيو سمجهه ۾ ڪونهي، اها اهڙيءَ ريت هڪڙو نڪمو راندڪو آهي جو حقيقت ۾ ڪنهن به انقلابي تنظيم ڪڏهن به نه ان تي عمل ڪيو آهي ۽ نه وري ان تي ڪري ٿي سگهي ٿي. چاهي سندس مرضي ڪيتري به هجي. 'وسيع جمهوريت' نقصان ڪار راندڪو آهي، جو 'وسيع جمهوري اصول' تي عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪبي ته ان مان سنئون سڌو (دشمن) لاءِ وڏي پيماني تي ڇاپا هڻڻ جي ڪم ۾ سهوليت ٿيندي. اها جمهوريت انقلابي ڪم ۾ اسان جي هاڻوڪي ڪچائي ۽ چٽائي ڪي سدائين قائم رکندي ۽ عملي ڪارڪنن جي اڳيان جيڪو اهو سنجيدو ۽ فوري ڪم آهي، ته پاڻ کي پوريءَ طرح تربيت ڏيئي، پيشه ور انقلابي بڻائين، اها جمهوريت انهيءَ ڪم تان سندن ڌيان هٽائي، ڪين اليڪشني سرشتي واسطي تفصيل سان ڪاغذي قائدا قانون ٺاهڻ جي ڌنڌي ۾ لڳائي ڇڏيندي.......

"رابوچي ديلو اخبار انقلابي معاملن ۾ جمهوريت جي من موهيندڙ 'اصول' کي پيش ڪرڻ واري جيڪا پنهنجي دل گهري خرفت هلائي آهي سا ڪيڏي نه نامناسب حرڪت آهي سا ڳالهه ثابت ڪرڻ لاءِ پاڻ هڪڙو شاهد گهرائينداسين. اهو شاهد آهي وائي سيريبريا ڪوو...... هو رابوچي ديلو اخبار جو همدرد آهي ۽ سندس دل ۾ پليخانو ۽ سندس حامين (لينن ۽ ٻين)

لاءِ سخت نفرت آهي .... ان ڪري سندس شاهدي وڏيڪ قيمتي آهي. هڪڙي مضمون ۾ .... هن لکيو آهي....!! "شڪين، روگاچوو، زيلياوبوو، ميخائيلوف، پيرو ميڪايا فگنر ۽ ٻيا مشهور روسي انقلابي پاڻ کي ڪڏهن به ليڊر ڪونه سمجهندا هئا ۽ ڪنهن به کين ليڊر ڪري ڪونه چونڊيو يا مقرر ڪيو. حالانڪ حقيقت ۾ هو ليڊر هئا جو ته انقلابي تعليم حاصل ڪرڻ ۽ سيکارڻ واري دور ۾ توڙي سرڪار خلاف جدوجهد واري دور ۾ هنن ڪم جو وڏو زور پاڻ جهليو هو، سڀ کان خطرناڪ جاين تي هو ويا ۽ سندن ڪم سڀ کان وڏيڪ فائديمند ثابت ٿيا. هو ليڊر بڻجي ويا. ان ڪري نه، ته ڪو هنن ليڊر بڻجڻ چاهيو ٿي پر انهيءَ ڪري جو سندن چوڌاري جيڪي ساٿي هئا تن کي سندن ڏاهپ، جوش خروش، سندن وفاداري ۾ ڀروسو هو ان ڪري اهو ڀپ ڏارڻ ته ڪو اريوپئگس (ڊڪٽيٽر) تحريڪ تي پنهنجي هڪ هٽي چمائيندو سا ڳالهه حد کان وڏيڪ بي‌عقليءَ جي آهي. ان تي ڪير ڌيان ڏيندو؟ ....

"اسين پڙهندڙن کان پڇون ٿا ته ڇا غير جمهوري لاڙن جو الزام به ساڳيو اريوپئگس (ڊڪٽيٽر) هڻڻ واري الزام جهڙو نه آهي؟ ڇا اها ڳالهه پڌري نه آهي ته رابو چيءَ ديلو اخبار وارو (وسيع جمهوريت وارو من موهيندڙ تنظيمي اصول) به (پين ڳالهين وانگر) بي عقلي ۽ بي حيائيءَ وارو اصول آهي.... اهو بي حيائيءَ

وارو اصول انهيءَ ڪري آهي جو اڻ جي مراد آهي ته تحريڪ اندر ڪن ماڻهن جي معتبري ۽ ڦونڊ جي لاڙي کي استعمال ڪجي، ڪن کي تحريڪ جي حقيقي صورتحال بابت جيڪا اڻ ڄاڻائي آهي اها ڪتب آڻجي ۽ ڦونڊ جي لاڙي کي استعمال ڪجي، ڪن کي اسان جي تحريڪ جي حقيقي صورتحال بابت جيڪا بي خبري ۽ اڻ ڄاڻائي آهي تنهن جو ناجائز فائدو وٺي کين سمجهائجي ۽ ڪن پين ۾ تربيت جي جيڪا کوٽ آهي ۽ انقلابي تحريڪ جي تاريخ بابت سندن جيڪا اڻ واقفيت آهي ان کي عوام خلاف هٿيار ڪري ڪتب آڻجي. اسان جي تنظيم جي باعمل ڪارڪنن لاءِ فقط هي سنجيدو تنظيمي اصول هئڻ گهرجي. سخت کان سخت رازداري، ميمبرن کي سخت کان سخت چوڪسيءَ ۽ خبرداريءَ سان پرکي ڪرڻ ۽ پيشه ور انقلابين جي تربيت ڪرڻ ....

”جيڪڏهن اهي گڻ موجود هوندا ته اسان کي تمام نهاد جمهوريت پسنديءَ کان به ڪا وڏي شيءِ حاصل ٿيڻ جي خاطري رهندي. اها وڏي شيءِ آهي انقلابين جو پنهنجو پاڻ ۾ مڪمل ۽ هڪ ٻئي تي سائين وارو پروسو. (انقلابين کي) جمهوريت پسنديءَ جي رانديڪڙي جهڙين شڪلين بابت سوچڻ جو وقت ڪونهي .... هو کين پنهنجي ذميوارين جو جاندار احساس آهي. کين تجربي مان خبر آهي ته ڪنهن نالائق

ميمبر ڪان جند ڇڏائڻ لاءِ سچن پچن انقلابين جي تنظيم ڪجهه به نه ڪرڻ ڪان نه هٻڪندي .... اها ڳالهه به خيال ۾ رکڻ گهرجي ته اهڙي قسم جي ڳالهين جو جيڪو پيو ڪارڻ آهي يعني اپوجهائپ ۽ بي عقلي سا به جمهوريت جي معنيٰ بابت خيالن جي مونجهاري مان اسري نڪتي. مسٽر ۽ مسز ويب انگريزي ٽريڊ يونين بابت جيڪو ڪتاب لکيو آهي تنهن ۾ هڪڙي دلچسپ باب جو عنوان آهي ”قديم ڇتائي جمهوريت“ ان باب ۾ مصنف ڏيکاريو آهي ته سندن ٽريڊ يونين جي پهرين دور ۾ انگريز مزدور جمهوريت جي اهڃاڻ لازمي نشاني سمجهندا هئا ته يونين جي انتظام جو سمورو ڪم سڀ ميمبر هلائين. نه رڳو سڀ سوال سڀني ميمبرن جي ووٽ سان حل ٿيندا هئا پر عهديدارن جون سموريون ذميواريون به سڀ ميمبر واري واري سان پوريون ڪندا هئا. ڏکهي عرصي جي تاريخي تجربي ڪان پوءِ ئي وڃي مزدورن کي اها خبر پئي ته جمهوريت جو اهو تصور ڪيڏو نه فضول ۽ واهيات آهي ....

”.... اسان جي تحريڪ ۾ جن ماڻهن عملي ڪم ڪيو آهي تن کي خبر آهي ته جمهوريت بابت اهو پراڻو ڇتائو تصور شاگردن ۽ مزدورن جي اڪثريت ۾ ڪيڏو نه گهڻو پکڙيل آهي ....

”.... جن عملي ڪم ڪندڙ مزدورن کي سچين پچين جمهوري تنظيمن جي نظرئي ۽ عمل جو مطالعو ڪرڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جا تمام ڏورا موقعا مليا آهن تن ۾ ڪي ته ظاهر آهي ته هنن ڳالهين ڪري ڪوبه ڏوهه ڪونه ڏيندا هون پر جڏهن رابوچي يي ڊيلو اخبار، جيڪا ليڊرشپ جي دعوا ڪري ٿي، سا هڙين حالتن ۾ ٻاڻ ڪي 'وسيع جمهوري' اصولن بابت ٺهراءَ پاس ڪرڻ تائين محدود ڪري ٿي ته تڏهن ان ڳالهه ڪي سڪڻي شوبازي ۽ نمائش پسنديءَ کان سواءِ ٻيو ڇا ٿو سڏي سگهجي؟...."

(چونڊ لکڻيون ص ٢١٢-٢١٥)

انقلابي تاريخ جي مطالعي مان اها ڳالهه بلڪل صاف طرح ظاهر ٿئي ٿي ته تنظيم ۾ ڪير ڪير پرتي ڪجي، تنظيم جي ادارن جون چونڊون ڪيئن ۽ ڪڏهن ڪرائجن، ڪنهن ڪميٽيءَ ۾ نوان ميمبر ڪيئن کڻجن، ڪانگريسون ڪڏهن ڪوٺائجن ۽ ٻين اهڙين ڳالهين کي هر ملڪ ۽ هر انقلاب جي مختلف بدلجندڙ حالتن جي روشني ۾ جانچيو ۽ طئي ڪيو ويو آهي. مثال طور ويٽنام جي انقلابي پارٽي يعني ويٽنام مزورن جي پارٽي جون ١٩٣٠ع کان ١٩٦٥ع تائين ٣٥ سالن ۾ فقط ٽي ڪانگريسون ٿيون. يعني سراسري طور ١٥ سالن کان پوءِ هڪڙي ڪانگريس ٿي، حالانڪ انهيءَ دور ۾ ١٩٤٥ع کان وٺي ١٩٦٥ع تائين يعني ويهه سال اتر ويٽنام يعني اتر ويٽنام هڪڙو آزاد حڪومت جو مالڪ آزاد علائقو هو، جتي آسانيءَ سان ڪانگريسون ٿي سگهيون ٿي.

چين ۾ ١٩٢٧ع کان وٺي چيني انقلابي پارٽي هميشه پنهنجي آزاد علائقن جي مالڪ رهي آهي جتي هوءَ آزاديءَ سان ڪانگريسون وغيره ڪري ۽ چونڊن جي اصول کي ذري گهٽ مڪمل نموني استعمال ڪري سگهي ٿي. پر روسي پارٽيءَ وٽ اهڙيون حالتون نه هيون. انهن جمهوريت جي اصول کي پنهنجي نوس تاريخي حالتن جي دائري اندر ڪتب آندو. ١٩٠٥ع کان اڳ عام طور چونڊ جي اصول کي بلڪل محدود نموني ڪتب آندو ويو. نوس حالتن موجب هڪ مرڪزي اڳواڻ اداري بدران ٻه مرڪزي اڳواڻ ادارا قائم ڪيا ويا جيڪا ڳالهه ظاهري طرح بلڪل نقصانڪار ٿي لڳي پر انهن حالتن ۾ فقط اهوئي رستو ممڪن هو.

"پارٽي تنظيم لاءِ اهو اصول طئي ڪيو ويو ته جڏهن اهي راز ۾ ڪم ڪن ته انهن کي چونڊن جي اصول تي اڏي نه سگهبو پر جڏهن هو قانوني طور ڪم ڪن ته انهن کي جمهوري مرڪزيت جي اصول تي اڏڻ گهرجي" (لينن: پورهيت پارٽي جي تنظيمي اصولن بابت چونڊ لکڻين جو مجموعو صفحو ١٦).

"١٩٠٦ع ۾ يعني ١٩٠٥-٦ع واري انقلاب هلندي جڏهن حالتون ڪلٽي ڪم لاءِ سازگار ٿيون، تڏهن روسي پارٽين جي چوٿين ڪانگريس ۾ جمهوري مرڪزيت ۽ چونڊ جو اصول رائج ڪيو ويو. وري جڏهن اهو انقلاب ناڪام ٿيو، موقعي پرست پٺتي ويا، ڪليل تنظيمون ڊهي

ڪيون، تڏهن وري اصلوڪو طريقو رائج ڪيو ويو. موقع پرستن سان ٻڌڪي ويڙهه ڪان پوءِ ۱۹۱۲ع ۾ جڏهن پارٽي ڪانگريس ۾ موقعي پرست خارج ڪيا ويا. جنگ جي دوران اڳواڻ ادارن جا ميمبر پاڻ ۾ صلاح ڪري انهن ادارن تي نوان ميمبر کڻي چونڊيندا هئا. (لينن: پورهيت پارٽي جي تنظيمي اصولن بابت لکڻين جو مجموعو صفحو ۸).

انقلابي جدوجهد لاءِ اهو سوال تمام اهم آهي ته ڪنهن به سبب جي ڪري جيڪڏهن ڪنهن به ڪميٽي تي نوان ميمبر کڻڻ جي ضرورت پوي ته ڇا ڪجي؟ ان لاءِ نئين سر چونڊون ڪرائجن يا خود اهي ماڻهو، جيڪي ان وقت ان ڪميٽيءَ جا ميمبر هجن سي ئي پاڻ ۾ صلاح ڪري ڪنهن مقرر اڪثريت سان فيصلو ڪري نوان ميمبر کڻي چونڊين؟ لينن جو هميشه اهو طريقو پئي رهيو ته عام لڪ جي حالتن ۾ هر ڪميٽيءَ جا پراڻا ميمبر پاڻ ۾ صلاح ڪري پنهنجي ڪميٽيءَ لاءِ نوان ميمبر مقرر ڪري چونڊين ۽ نئين سر چونڊن جو انتظار نه ڪيو وڃي. درحقيقت پنهنجي شروعات ۾ ئي يعني ۱۹۰۳ع ۾ هن لنڊن واري ٻي پارٽي ڪانگريس ۾ پارٽي قاعدن قانونن جو جيڪو مسودو پيش ڪيو تنهن جو رٿيل قاعدو نمبر ۱۱ هن ريت هو:

”سموريون پارٽي تنظيمون .... پنهنجا معاملا سادي اڪثريت سان طئي ڪن ۽ کين اهو حق هجي ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي ڪميٽيءَ جا نوان ميمبر نئين سر چونڊ ذريعي ڪٽڻ بدران پاڻ مقرر ڪن (ڪميٽي جي) ميمبرن کي ڪٽڻ يا ڪيڻ لاءِ ⅔ اڪثريت لازمي هوندي.“
(لينن: پورهيت پارٽي جي تنظيمي اصولن بابت ص ١١٢).

مينشويڪن جي زور بار ڪري ٻي ڪانگريس تنظيمي قاعدن قانونن بابت لينن جي تجويزن کي اڌوري نموني منظور ڪيو. ٽين ڪانگريس انهن کي سڌاري لينن جي تجويزن مطابق بحال ڪيو. جڏهن فيبروري ١٩١٧ع واري انقلاب کان پوءِ پارٽي لڪ کان ٻاهر آئي، تڏهن وري جمهوري مرڪزيت ۽ چونڊن جو اصول رائج ڪيو ويو. ڇهين ڪانگريس زور شور سان نوان ميمبر ڀرتي ڪرڻ جي هدايت ڪئي. ڏهين ڪانگريس وري لينن جي اڳواڻيءَ هيٺ نالائق ميمبرن کي پارٽي مان خارج ڪرڻ جي باقاعدي مهم شروع ڪئي، مطلب ته هر انقلابي ڪم بدلجندڙ حالتن جي روشني ۾ پارٽي، انقلاب ۽ عوام جي ضرورت مطابق ڪيو ويندو آهي.

ڪيترا ماڻهو جمهوريت بابت غلط تصورن جي اثر هيٺ اچي انقلابي پارٽين کي تجربيڪار، آزمايل ۽ پيشه ور اڳواڻن جي لاڳيتي اڳواڻيءَ جي جيڪا سخت ضرورت هوندي آهي تنهن کي سمجهي نٿا سگهن ۽ ان کي ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ ڪمزور ڪرڻ، بلڪ صفا رد ڪرڻ ضروري سمجهن ٿا.

لينن انهيءَ غلط تصور کي سختيءَ سان رد ڪيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي ته ثابت ڪيو آهي ته ڪا به انقلابي تحريڪ تجربيڪار آزمايل ۽ لائق اڳواڻن کان سواءِ ڪامياب ٿي نٿي سگهي. ڪن ماڻهن چيو ته انقلاب کي "ڏهن ٻارهن" ليڊرن جي ضرورت ڪانهي. ڪين لکين عام مزور گهرجن. ان جي جواب ۾ لينن چيو آهي:

تجربيڪار ليڊرن جي ضرورت ۽ اهميت

"جرمن جو مثال وٺو. ان ڳالهه کان اميد ته ڪو به انڪار ڪونه ڪندو ته جرمن جي تنظيم عوامي تنظيم آهي. جرمنيءَ ۾ هر ڪو ڪم عوام کان شروع ٿئي ٿو ۽ اتي پورهيت طبقي جي تحريڪ پنهنجي پيرن تي هلي سگهي ورتو آهي. پر ڏسو ته اهي لکن ڪروڙن ماڻهو پنهنجن "ڏهن ٻارهن" آزمايل سياسي رهنمائن جو ڪيڏو نه قدر ڪن ٿا ۽ انهن کي ڪيئن نه چهٽيا پيا آهن! پارليامينٽ ۾ دشمن پارٽين جي ميمبرن سوشلسٽن کي اڪثر ٽوڪيو پئي آهي ته "توهين واهه جا جمهوريت پسند آهيو! توهان جي تحريڪ، پورهيت تحريڪ رڳو نالي جي آهي. حقيقت ۾ توهان وٽ سدائين ساڳين ليڊرن جي ٽنڊڙي ٽولي موجود هوندي آهي. جڏهن ڏسو تڏهن ساڳيو ببل ۽ ساڳيو ليبڪنيڪٽ ۽ سالن جا سال اهي ئي ساڳيا پراڻا ليڊر. توهان جا نام نهاد مزورن جا چونڊيل ميمبر ته شهنشاهه جي مقرر ڪيل آفيسرن کان به وڌيڪ دائمي عهدن جا مالڪ ٿيو وڃنا آهن." پر "عوام" کي "ليڊرن" خلاف ڀڙڪائڻ، عوام ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خراب ۽ معتبريءَ وارا آڳما اثارڻ ۽ ماڻهن نجو پنهنجي ”ڏهن پارهن ڏاهن ماڻهن“ ۾ جيڪو اعتماد آهي تنهن جا ترا ڪڍي تحريڪ ڪان سندس مضبوطي ۽ اڏول پڻو ڪسي وٺڻ جي انهن عياري ۽ لفاظيءَ وارين حرڪتن تي جرمن رڳو ٿڪار وڃان مرڪيو ڪٿيو بس ڪن. جرمن ۾ سياسي سوچ ڪافي وڌيل آهي ۽ هنن ايترو سياسي تجربو گڏ ڪري ورتو آهي جو هو اها ڳالهه چڱيءَ طرح سمجهي ويا آهن ته قابل ماڻهو ڪي سو ڻ جي تعداد ۾ ڪونه ٿا ٿين ۽ سماج جو ڪوبه طبقو ٿيستائين محڪم ارادي سان ڪابه ويڙهه نه ڪري سگهندو، جيستائين وٽس اهڙا ڏهه پارهن آزمايل ۽ قابل ماڻهو نه هجن، جن انقلابي جدوجهد کي هڪ پيشو ڪري اختيار ڪيو هجي ۽ ان ۾ باقاعدي تربيت حاصل ڪئي هجين، جن کي ڊگهي تجربي پاڙهي پڪو ڪيو هجي ۽ جيڪي هڪٻئي سان مڪمل هم خيال ۽ يڪدل ٿي ڪم ڪري رهيا هجن. جرمن جي پنهنجن صفن اندر به عياريءَ واري سکٽي لفاظي ۽ اکرن جي هير ڦير ڪندڙ اهڙا ماڻهو موجود آهن جيڪي سڀو ”احمقن“ کي پڌائي ڪين ”ڏهن پارهن ڏاهن ماڻهن“ کان متي آڏائين ٿا...... ۽ مضبوط ۽ محڪم ارادي وارن ليڊرن خلاف بي اعتماديءَ جو ٻج ڇٽين ٿا. جرمن سوشلزم سوشلسٽ تحريڪ اندر اکرن جي هير ڦير ۽ سکٽي لفاظي ڪندڙ عنصرن خلاف اڻل ارادي ۽ اڻ ورچائيءَ واري ويڙهه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وسيلي ٿي اڄ ڇيترو وڏي ويڃهي ۽ طاقتور ٿي سگهي
آهي. اڄ روسي سوشلسٽ تحريڪ فقط انهيءَ ڪري
ڪهوٽالي ۾ آهي جو ونس اهڙا سڃي تربيت. ورتل ۽
تجربيڪار ليڊر ڪونهن جيڪي پاڻمرادو سجاڳ ٿيندڙ
عوام جي رهبري ڪري سگهن. اهڙي وقت تي اسان
جا عقل جا وڏا احمقن واري اونهي داناٽيءَ سان واڪا
ڪري پيا چون ته تحريڪ هيٺان عوام کان شروع نه
ٿيندي ته ڪم خراب ٿي پوندو."

"....اڪرن جي هيرڦير ڪندڙ، سڪٽي لفاظي ڪندڙ
پورهيت طبقي جا بدترين دشمن آهن. هو بدترين دشمن
ان ڪري آهن جو هو عوام ۾ ذليل ۽ ڪريل اڌما
اڌارين ٿا، ان ڪري بدترين دشمن آهن، جو جن مزورن
اڃا (انقلابي سمجهه جي) روشني حاصل نه ڪئي آهي
سي انهن دشمن کي سڃاڻي نٿا سگهن جيڪي چون ٿا
۽ ڪڏهن ڪڏهن، پاڻئين به ٿا ته اسين عوام جا ڪهڙڪهرا
آهيون. هو، ان ڪري عوام جا بدترين دشمن آهن جو
هن نااتفاقي ۽ بدتر جي دور ۾ جڏهن اسان جي تحريڪ
اڃا مس ڪا نه ڪا شڪل پڌي ونئي، تڏهن عوام
جيڪي پنهنجي غلطي فقط تلخ تجربن کان پوءِ ٿي
محسوس ڪري سگهن ٿا تن کي اڪرن جي هيرڦير ۽
سڪٽيءَ لفاظيءَ جي ڪوڙڪين ۾ منجهائي مارڻ ۽ گمراه
ڪرڻ کان سولو ڪم ٻيو آهي ئي ڪونه." (چونڊ
لکڻيون ص ١٩٧ - ١٩٩).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تڏهن پلا ڇا عوام کي جمهوريت جي ڪا به ضرورت ڪانهي ؟ نه! عوام کي صحيح ۽ حد اندر جمهوريت جي تمام گهڻي ضرورت آهي.

جمهوريت ۽ مرڪزيت ۾ لاڳاپو

عوام ۽ سندن تنظيم کي صحيح ۽ حد اندر جمهوريت جي سخت ضرورت آهي. تنظيم ۾ گهربل جمهوريت نه هوندي ته تنظيم ڪجهه وقت مشين وانگر ڪم ڪري پوءِ ازخود بيهي رهندي. ماٺو تنظيم ۾ صحيح ۽ گهربل جمهوريت جي ضرورت هجڻ جي باري ۾ اسان کي بار بار هدايت ڪئي آهي. "جيڪڏهين پارٽي زندگيءَ ۾ ڪافي جمهوريت نه آهي ته پيش قدميءَ (پنهنجي دليان پاڻمرادو اڳتي وڌي ڪو چڱو ڪم ڪرڻ) جو جذبو ڪم آڻي نٿو سگهجي. فقط جمهوري ماحول ۾ ئي قابل ماڻهن جي وڏي تعداد کي اڳتي آڻي سگهجي ٿو" (قول ص ١١٨).

"جيستائين ڪو ماڻهو دشمن مان نه آهي ۽ بڇڙي نيت سان حملو نٿو ڪري ته هن کي ڳالهائڻ ڏنو وڃي، ڪٿي هو ڪير به هجي ۽ جيڪڏهن هو ڪا غلط ڳالهه چوي ٿو ته اها وڏي ڳالهه نه آهي. سڀني سطحن جي اڳواڻن جو فرض آهي ته هو ٻين جي ڳالهه ٻڌن.....

"عوام جي صفن ۾ جمهوريت مرڪزيت سان، آزادي ۽ ضابطي سان ڳنڍيل آهي. هي هڪ ئي شيءِ جا ابتڙ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻاسا آهن جن ۾ ضد سان گڏو گڏ ايڪو آهي، ۽ اسان کي هڪ طرفي طور هڪڙي تي زور رکي ٻئي کان انڪار نہ ڪرڻ گهرجي. عوام جي صفن اندر اسين نہ تہ آزادي کان سواءِ ۽ نہ ئي جمهوريت کان سواءِ ڪم هلائي سگهون ٿا نہ ئي مرڪزيت کان سواءِ جمهوريت ۽ مرڪزيت جي ۽ آزادي ۽ ضابطي جي، هيءَ هيڪڙائي اسان جي جمهوري مرڪزيت جوڙي ٿي. هن سرشتي هيٺ عوام وسيع جمهوريت ۽ آزادي ماڻين ٿا. پر ساڳي وقت کين سوشلسٽ ضابطي جي حدن اندر رهڻو پوي ٿو" (قول ص ۱۸۱).

"اسان کي پارٽي جو ضابطو نئين سر ورجائڻ گهرجي جيڪو هيٺين ريت آهي.

(۱) فرد تنظيم جي تابع آهي.

(۲) ٿورڙائي گهڻائي جي تابع آهي.

(۳) هيٺين سطح مٿين سطح جي تابع آهي. ۽

(۴) سمورا ميمبر مرڪزي ڪاميٽي جا تابع آهن، جيڪو بہ ضابطي جي هنن فقرن جي ڀڃڪڙي ڪري ٿو سو پارٽي جي ٻڌي ٽوڙي ٿو" (قول ص ۱۸۱).

"پارٽي جي ضابطي جي هڪ گهرج اها آهي تہ ٿورڙائي کي گهڻائي آڏو ڪنڌ نمائڻ گهرجي. جيڪڏهن ٿورڙائي جي راءِ رد ڪئي ويئي آهي تہ کيس اڪثريت جي ورتل فيصلي جي تائيد ڪرڻ گهرجي، جيڪڏهن ضرورت پوي تہ ٿورڙائي انهيءَ ڳالهہ

کي ٻيهر غور لاءِ ٻيهر گڏجاڻي ۾ پيش ڪري سگهي ٿي، پر اُهيءَ ڪان سواءِ هن کي ڪنهن به نموني ۾ اُنهيءَ فيصلي جي خلاف ڪم نه ڪرڻ گهرجي“ (قول ص ۸۲،).

فلسطيني عوام جي آزاديءَ جي تنظيم، ”فلسطين جي آزادي لاءِ عوامي محاذ“ اڪثريت جي فيصلي جي تعميل ڪرڻ جي اصول کي هنن لفظن ۾ پيش ڪيو آهي:

”پارٽيءَ اندر هر نقطه نظر کي حق آهي ته اهو تنظيمي دائري اندر مڪمل آزاديءَ سان پيش ڪيو وڃي، پر جڏهن انهي نقطه نظر تي بحث ٿي وڃي ۽ پارٽي (ان جي اڪثريت) ان بابت ڪو فيصلو ڪري ڇڏي ته پوءِ پارٽيءَ اندر هر ماڻهوءَ جو فرض آهي ته جيستائين پارٽي ڪانگريس ۾ رٿابندي ڪندڙ ادارن ۾ ان تي ٻيهر بحث ڪرڻ جو موقعو اچي، تيستائين ان فيصلي تي محڪم رهي، ان جو بچاءُ ڪري ۽ ان سان مڪمل طرح وفادار رهي....

”مرڪزيت جي تصور جو ٻيون پاسو اهو آهي ته جڏهن پارٽي جمهوري نموني ڪو فيصلو ڪري ته پوءِ پارٽي اڳواڻن کي ان فيصلي تي عمل ڪرڻ دوران قطعي اختيارات حاصل آهن. جنهن مهل فيصلي تي عمل شروع ٿئي ٿو تنهن مهل جمهوريت ختم ٿيو وڃي، بحث ۽ مناظرو ختم ٿيو وڃي. پوءِ رڳو حڪم جي تعميل، ضابطي، وفاداري ۽ هدايتن جي مڪمل پوئواريءَ

جي گنجائش آهي، پر ڪنهن به ڳالهه جي نه.“
(”فلسطين جي آزادي لاءِ حڪمت عملي“ ص ٢٢٢).

سائين مائو صحيح ۽ غلط ڳالهين جون جيڪي ڪسوٽيون مقرر ڪيون آهن تن مان پڻ ضابطي بابت آهن. هو ٻيڪاري ٿو ته ”فقط اهي ڳالهيون ۽ عمل صحيح آهن جيڪي جمهوري مرڪزيت کي رد ڪرڻ يا ڪمزور ڪرڻ بدران ان کي مضبوط ڪرڻ ۾ مدد ڪن ۽ اهي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي اڳواڻي کي رد يا ڪمزور ڪرڻ بدران ان کي مضبوط ڪرڻ ۾ مددگار ٿين.“

هن اسان کي ڪولي سمجهايو آهي ته جمهوريت هڪڙي شيءِ آهي ۽ بي لغام ڇڙواڳ جمهوريت ٻي شيءِ ۽ اسان کي هدايت ڪئي اٿس ته ڇڙواڳ جمهوريت جون پاڙون پٽي ڪپون. هو چوي ٿو ته ”پارٽي اندر جمهوريت، نظم ۽ ضبط کي مضبوط بڻائڻ ۽ ويڙهو صلاحيتن کي وڌائڻ لاءِ آهي نه ڪي انهن کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ آهي“ (ص ١١٩).

”نظرئي جي ميدان ۾ ڇڙواڳ جمهوريت جون پاڙون پٽيو..... ڇڙواڳ جمهوريت پارٽي تنظيم کي ناس ڪري ٿي. پارٽيءَ جي ويڙهو صلاحيتن کي ڪمزور ڪري ٿي ۽ انقلاب جي شڪست جو سبب بڻجي ٿي. ڇڙواڳ جمهوريت جو سرچشمو ۽ ڪارڻ هيٺين وچولي طبقي جي خود خيالي ۽ ضابطي کان ڀاڄ آهن“ (ص ١١٩).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آڪٽوبر انقلاب جي ڪاميابي جا ڪارڻ بيان ڪندي، لينن ڪاميابيءَ جو هڪڙو وڏو ڪارڻ اهو ڄاڻايو آهي ته ”پارٽيءَ سخت مرڪزيت ۽ فولادي ضابطي کي اڏي ۽ ڪاميابيءَ سان سلامت رکي سگهي هئي“ (ڪاپي ٽر جي ڪميونزم هڪ پارٽي ڪيچل ص ٩).

تنقيد ۽ پاڻ تي تنقيد ڪرڻ جي ضرورت ۽ ان جو دائرو.

تنقيد ۽ پاڻ تي تنقيد هڪ انقلابي پورهيت جي سچائپ جي نشاني، ۽ سندس انقلابي ايمان جو رڪن آهي. اهو هڪ مارڪسي ليننسي هٿيار آهي جنهن جي وسيلي اسين پاڻ مان عيب ڪڍي، پاڻ کي سڌاري سگهون ٿا. ساٿي ماؤ چوي ٿو ”پنهنجي ضمير کي آڏو رکي پاڻ تي تنقيد اهڙي نشانبر سچائپ آهي جا اسان جي پارٽيءَ کي ٻين سڀني سياسي پارٽين کان نروار ڪري ٿي .... ڪميونسٽ پارٽي تنقيد کان نٿي ڊڄي ڇو ته اسين مارڪسي آهيون، سچائي اسان ساڻ آهي ۽ بنيادي عوام يعني مزدور ۽ هاري اسان ساڻ آهن. سچا مادي پرست بي ڊپا آهن. اسان کي اميد آهي ته اسان سان گڏ جدوجهد ڪندڙ .... اسان ڪميونسٽن تي تنقيد ڪرڻ .... کان نه ڪيٻائيندا. جيڪو ماڻهو هزارين زخم کائيندي به موت کان نٿو ڊڄي، اهو ئي شهنشاهه کي گهوڙي تان زوري لاهڻ جي همت ڪري سگهي ٿو .... جيڪڏهن اسان ۾ خاميون آهن ته انهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي اڳڀرو ڪيو وڃي .... هر ڪو ساٿي اسان جي خامين کي ظاهر ڪري سگهي ٿو پوءِ هو ڪٿي ڪير به هجي."

پر تنقيد دوستي ۽ سائين واري، عوام، تنظيم ۽ تنظيمن جي پلي ۽ واڌاري لاءِ، پڌي کي مضبوط ڪرڻ لاءِ هئڻ گهرجي ۽ نه تنظيم ۽ عوام کي نقصان رسائڻ ۽ کين ڏک هڻي ڪمزور ڪرڻ لاءِ. سائين مائو اسان کي سيکاريو آهي ته تنقيد کي ذاتي حملي جو ذريعو نه بنائڻ گهرجي. تنقيد بروقت ٿيڻ گهرجي، تنقيد وڏن ۽ اهم مسئلن تي ٿيڻ گهرجي ۽ نه خسيس ۽ معمولي ڳالهين تي. تنقيد ڪرڻ مهل آپي کان ٻاهر ٿي جاهه ڪرڻ وارو گهرو ۽ اپهرو رويو نه هئڻ گهرجي.

ساڳئي وقت اسان کي پنهنجي ۽ دشمن جي وچ ۾ فرق ڪرڻ گهرجي، پنهنجن تي دشمن وانگر حملو نه ڪرڻ گهرجي. تنقيد جو نه رڳو سائين بابت پر خود سموري تنظيم بابت به استعمال ٿي سگهي ٿو ۽ ضرور ٿيڻ گهرجي. سائين کي تنظيم تي تنقيد جي آزادي آهي، پر آزادي تنظيم جي فائدي لاءِ هئڻ گهرجي، ان کي مضبوط ڪرڻ لاءِ هجي، ان جي انقلابي اصولن کي مضبوط ڪرڻ لاءِ هجي ۽ نه ان جي ابتڙ کيس ڪمزور ڪرڻ، ڪانئس سندس انقلابي وات، انقلابي رخ، انقلابي اصول ۽ انقلابي اڳواڻ ۽ ڪارڪن کسڻ ۽ سندس تختو اونڌو ڪرڻ لاءِ. پي حالت ۾ اهڙي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنقيد تنظيم دوست تنقيد نه پر تنظيم دشمن تنقيد ٿي ٿيندي. تنقيد جو مقصد صحيح به ٿي سگهي ٿو ۽ ان کي عوام خلاف هٿيار طور به ڪتب آڻي سگهجي ٿو. ساٿي لينن ان مسئلي تي هن نموني روشني وڌي آهي:

تنقيد جي اصل حقيقت

"جيڪو ماڻهو ڄاڻي ٻجهي اکيون نٿو ٻوري ڇڏي سو اوس اها ڳالهه ڏسي وٺندو ته سوشلزم ۾ نام نهاد تنقيد جو لاڙو حقيقت ۾ رڳو موقعي پرستيءَ جو هڪڙو نئون قسم آهي، جيڪڏهن اسين ماڻهن جي پرک جي ڪسوٽي اها نه رکنداسين ته هنن ڪهڙيون ڪهڙيون چمڪندڙ ورديون ڪٽي اوڍيون آهن يا پاڻ کي ڪهڙا ڪهڙا رعبدار لقب ڪٽي ڏنا اٿن پر سندن سچاٽپ سندن عملن مان ۽ جن ڌرين جي هو حقيقي طرح حمايت ڪن ٿا تن مان ڪنداسون ته پوءِ اسان کي صاف صاف نظر اچي ويندو ته نام نهاد "تنقيد جي آزادي" جي معنيٰ آهي سوشلزم اندر هڪڙي موقعي پرست لاڙي لاءِ آزادي، سوشلسٽ جمهوريت پسند (ڪميونسٽ) پارٽي کي ڦيرائي هڪڙي سڌارا گهرندڙ جمهوري پارٽي بڻائڻ جي آزادي ۽ سوشلزم ۾ سرمائيدار خيالن ۽ سرمائيدار عنصرن کي داخل ڪرڻ جي آزادي ... آزادي هڪڙو شاندار لفظ آهي پر صنعت جي آزادي جي جهنڊي هيٺ سڀ کان وڌيڪ ڀرمار جنگيون لڙيون ويون آهن، پورهئي جي آزاديءَ جي جهنڊي هيٺ پورهيت عوام کي ڦريو ويو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. تنقيد جي آزاديءَ جو ڦقرو اڄڪلهه جهڙي نموني استعمال ٿيو ٿئي ٿو تنهن ۾ ساڳيو ڪوڙ سمايل آهي ....

”اسين هڪڙو ڳوڙهو سات بنايو. هڪڙي ڪي هٿ ڪان سوڪهو جهلي. هڪڙي خوفناڪ لاهين واري ڏڪڻي ٽيڪري تان مارچ ڪندا پيا وڃون. اسان کي چئني طرفن کان دشمن وڪوڙيو بيٺا آهن ۽ اسان کي گولين جي لڳاتار وسڪاري وچان مارچ ڪرڻو پيو پوي. اسان سڀني پنهنجي رضا خوشيءَ سان فيصلو ڪيو آهي ته دشمن سان لڙندا سين ۽ پاسي واري ڏيڻ ڍانهن ڪونه پڇي ويندا سون. انهيءَ ڏيڻ ۾ جيڪي ماڻهو ويٺا آهن سي اسان کي ٽوڪون پيا هڻن ته ’توهان پنهنجو رستو الڳ ڇو ورتو آهي ۽ دشمن سان ڏاهه ڪرڻ جو ڪس ڇڏي جدوجهد جو رستو ڇو ورتو اٿو؟‘ ايتري قدر جو هاڻ خود اسان منجهان به ڪي ماڻهو واڪا ڪري پيا چون ’اچو ته ڏيڻ ۾ هلون!‘ اسين کين شرمايون ٿا ته هو رڙيون ڪري وراڻي ٿا ڏين ’توهان ڪهڙا نه پوئتي پيل ماڻهو آهيو! توهان کي شرم نٿو اچي جو توهان اسان کي اها آزادي به نٿا ڏيو جو اسين ڪٿي توهان کي بهتر رستو وٺڻ جي دعوت ڏيون!‘ هائو سائين هائو! توهان کي نه رڳو اها موڪل آهي جو اسان کي دعوت ڏيو پر اها به آزادي اٿوَ ته جيڏانهن وڻيو تيڏانهن هليا وڃو. پوءِ ڀلي ڪٿي ڏيڻ ڍانهن ئي ڇو نه ڪٿي وڃو! حقيقت ۾ اسين سمجهون

ته ته توهان جي لاءِ موزون ۽ مناسب جاءِ آهي ۽ اها ڏيڻ ۽ اتي پهچڻ لاءِ اسين پنهنجي وس آهر توهان جي سيڪا مدد ڪرڻ چاهيون ٿا. رڳو اها هڪڙي مهرباني ڪريو جو اسان جي هتان ڪي ڇڏي ڏيو، اسان کي ڇهڻي نه پؤ ۽ آزاديءَ جي شاندار لفظ کي داغدار نه بڻايو. اسان کي به آزادي آهي ته جيڏانهن وڻي تيڏانهن وڃون. اسان کي به اها آزادي آهي ته پاڻ ويڙهه ڪريون. رڳو ڏيڻ خلاف نه پر جيڪي ڏيڻ ڏانهن رخ پيا رکن انهن سان به ....“ (ليڻن جون چونڊ لکڻيون ص ١٠٣)

دنيا ۾ مسئلا تمام منجهيل ۽ پيچيدا ٿين ٿا، هر مسئلي جي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ بنا ان جي اصل حقيقت کي سمجهڻ ڏکيو آهي. شين کي رڳو متاڇري نموني ڏسبو يا فقط هڪڙي پاسي کان ڏسبو ته ماڻهو جي سوچ غلط ٿي ويندي. تنهن کان سواءِ ڪنهن به ڳالهه کي سمجهڻ لاءِ ڳوڙهي سوچ ويچار ۽ اڀياس جي ضرورت آهي. ساڳي انهي مسئلي بابت اسان کي هنن لفظن جي هدايت ڪئي آهي:

”.... مسئلا منجهيل آهن. تنهن لاءِ ضروري آهي ته اسان جا ذهن هر ڪنهن منجهه کي منهن ڏيڻ جهڙا هجن“ (ص ٢١).

”دنيا ۾ سنوان سڌا رستا نه هوندا آهن. اسان کي ورن وڪڙن واري رستي تي هلڻ لاءِ تيار رهڻ گهرجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ سولي سوپ حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪرڻ گهرجي .... مطلب تہ آئيندو روشن آهي ہر رستي ۾ ور وڪڙ آهن" (ص ١٤١).

"هن دنيا ۾ شيون منجهيل آهن ۽ سندن ڏاروہڏار گهڻين ڳالهين تي آهي. اسان کي مسئلي تي رڳو هڪ پاسي کان نہ پر هر ڪنهن پاسي کان نظر وجهڻ کپي" (ص ١٥٣).

"اسان کي سکيا حاصل ڪرڻ ۾ پڙ هڻ گهرجي" (ص ٢١٨).

پر ڪن ماڻهن جو خيال آهي تہ نظريي جي مطالعي جي ڪابہ خاص ضرورت ڪانهي. عوام ۾ روزمرہ جو ڪم ڪبو هلبو تہ پاڻهي عوام سيڪجهہ سکي ويندا ۽ انقلاب اچي ويندو. ڪن جو تہ خيال آهي تہ عوام ۽ ڪارڪنن جي پويان لٽ کڻي نہ پئجي تہ نظريي جو اڀياس ڪريو. سيڪو پنهنجي تجربي مان پاڻمرادو سيڪجهہ سمجهي ويندو. رڳو ايمانداري ۽ محنت کپي، پوءِ هر ڪم آسان ٿي ويندو. ماڻي ليڻن ان ڳالهہ کي سختيءَ سان رد ڪيو آهي. هن چيو آهي:

نظرياتي جدوجهد جي ضرورت

"اچو تہ جرمنيءَ جو مثال وٺون .... (مزورن ۾) ڪم جيئن پاڻمرادو پيو هلي تنهن جي خلاف چتي جدوجهد لازمي هئي ۽ سالن جا سال اهڙي چتي جدوجهد ڪرڻ کان پوءِ ئي برلن جي پورهيت آبادي جيڪا اڳي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ترقي پارٽي جو اڏو هئي. تنهن کي سوشلسٽ جمهوريت پسندي جو بهترين گهڙهه بڻايو ويو .... سوشلسٽ جمهوريت پسنديءَ (سوشلزم) نظرئي جي اها برتري پين سمورن نظرين خلاف اڻل ويڙهه کان پوءِ ئي حاصل ڪئي آهي ۽ ان ويڙهه کي زور شور سان جاري رکڻ سان ئي اها برتري قائم رهي سگهندي . پورهيتن جو ڪم پاٺمرادو جيئن چڙواڳ نموني هلي ٿو، جي تيئن ئي هلڻ ڏجيس ٿو، ته پوءِ پلا ان جو آخر نتيجو اهو ڇو ٿو نڪري جو سرمائيدار نظريا غالب ٿيو وڃن؟ ان جو سنئون سولو سبب اهو آهي جو سرمائيدار نظريو سوشلسٽ نظرئي کان عمر جو وڏو آهي، اهو وڌيڪ مڪمل طرح وڌيل ويجهيل آهي ۽ ان وٽ ماڻهن ۾ پکڙڻ جا سوشلسٽ نظرئي جي پيٽ ۾ اڻاهه وسيلا آهن. ڪنهن ملڪ ۾ سوشلسٽ تحريڪ جيتري قدر ننڍي عمر جي هجي اوتري قدر ئي ڪيس وڌيڪ زوردار نموني اها ويڙهه ڪرڻ گهرجي ته جيئن غير سوشلسٽ نظريا پنهنجي جمت قائم نه رکي سگهن . اقتصاديات پرستن جي خط جا لکندڙ.... اها ملامت ٿا ڪن ته 'ننڍڙي عمر جون پورهيت تحريڪون سخت ڪٽر هونديون آهن'. اسين کين چئون ٿا 'ها ٿو، اسان جي تحريڪ برابر اجا پالپڻ ۾ آهي ۽ ان جي تيز وڌڻ ويجهڻ لاءِ ضروري آهي ته جيڪي پاڻمرادي چڙواڳ واداري جو ڏس ڏيئي سندس واداري کي روڪن ٿا، تن خلاف منجهس ڪٽرپڻي جو

جذبو پيدا ٿئي ٿو" (چونڊ اڪٽيون ص ١٣١-١٣٢).

"حالتون سدائين تبديل ٿين ٿيون ۽ پنهنجن خيالن کي نئين حالتن مطابق بنائڻ لاءِ اپياس ضروري آهي" (ص ٢١٨).

"مارڪسي نظريي ۾ پڙ ٿيڻ ۽ ان کي لاڳو ڪرڻ ضروري آهي ۽ ان ۾ پڙ رڳو انهيءَ مقصد سان ٿجي جو ان کي لاڳو ڪجي" (ص ٢٢٠).

"ڪم جو تجربو رکندڙ ماڻهن کي نظريي جو اپياس ڪرڻ گهرجي ۽ سنجيدگي سان پڙهڻ گهرجي.... اهڙي ريت ئي هو پنهنجي جزوي تجربي کي عالمگير سچائي سمجهڻ جي غلطي نه ڪندا ۽ تجربيت پسنديءَ جون غلطيون نه ڪندا" (ص ٢٢٢).

وطن دوستي ۽ بين الاقواميت

هر شيءِ ابتڙن جو ميلاپ آهي. وطن دوستي ۽ ٻين قومن جي پورهيتن سان دوستي يعني بين الاقواميت اهي ٻئي هڪٻئي جا ابتڙ ڳڻ آهن پر ساڳي وقت ٻئي گڏجي هڪڙي هيڪڙائي ۾ ٿاهين ٿا. پنهي ۾ توازن رکڻ ضروري آهي. توازن عارضي حالت آهي. سدائين ساڳيو توازن رهي نٿو سگهي. ڪيترن سببن ڪري ڪڏهن ڪهڙو پاسو ڀيٽ ٿيو وڃي، ڪڏهن ڪهڙو. ان ڪري هر دفعي توازن کي نئين سر درست ڪرڻ جي ضرورت پوندي رهي ٿي. توازن درست ڪرڻ لاءِ ڪڏهن ڪهڙي ليٽ پاسي کي ڪٽڻو پوي ٿو ته

ڪڏهن ڪهڙي پاسي ڪيو.

مارڪسي، ليننني ۽ مائوزي تنگ جي تعليم تي هلندي انقلابي پورهيت سچو وطن دوست به آهي ته پنهن قومين جي عوام سان سچي پچي دوستي ۽ ڀائپي رکڻ جو علمبردار به آهي. هو وطن دوستي ۽ بين الاقواميت کي گڏي هڪ ڪري هلائي ٿو.

اسان جي تنظيم جڏهن سياسي ميدان ۾ آئي تڏهن ڪاپي ٽر جي سياست ۾ وطن دوستي جو چڱو نالو نشان ٿي ڪونه هو. چؤطرف رڳو بين الاقواميت جو ئي ذڪر هو. وطن دوستي جي ڳالهه ڪرڻ کي نقلي ترقي پسندن انقلاب دشمن ٿي ٺهرايو. سندن پاليل طوطا سچو ڏينهن قومي جدوجهد جي گاڏيءَ جي ڦيٿن سان هوائون ڪيندا رهندا هئا. اسان جي تنظيم وطن دوستي کان انڪار ڪندڙ انهيءَ ڪوڙي ۽ نقلي بين الاقواميت جون نظرياتي پاڙون نه رڳو سنڌ بلڪ سموري ملڪ جي سطح تي پٽڻ شروع ڪيون. ان جي جاءِ تي اسان جي تنظيم سچي انقلابي وطن دوستيءَ جو نظريو پيش ڪيو ۽ ان کي ميداڻ لاءِ مضبوطيءَ سان چمي نظرياتي ۽ سياسي ويڙهه ڪئي. اسان چيو ته "في الحال اسان کي مهاجر پنجابي ترقي پسندن ۾ اهڙا ڪي نظر نٿا اچن جيڪي مظلوم قومن جي قومي جدوجهد جي مارڪسي ليننني اصولن مطابق تائيد ڪن ۽ ان لاءِ خود پنهنجي قوم اندر ويڙهه ڪن. پر جڏهن به ڪي اهڙا ماڻهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يا ڏنو لا اڳتي هلي پيدا ٿيا ته اسين انهن سان يقينن اتحاد ڪنداسين.

صحيح وطن دوستي ۽ سموري ملڪ جي مظلوم قومن جي ڀاران اسان جيڪا ويڙهه ڪئي، ان جي نقلي ترقي پسندن ۽ نقلي قوم پرستن ڇٽي مخالفت ڪئي. پر اسان هڪ ڏکي ۽ اڻانگي ويڙهه کان پوءِ نه رڳو عوام ۾ پر پنهنجي مخالفن ۾ پنهنجو موقف تسليم ڪرائڻ ۾ چڱي حد تائين ڪاميابي حاصل ڪري ورتي آهي. اڄ سنڌ ۾ اسين هڪ مڃيل وطن دوست ڌر ۽ ڪاڀي ڌر ۾ هڪ مڃيل ترقي پسند ڌر آهيون. اسان ڪي وطن دوستي ۽ بين الاقواميت ڪي صحيح انقلابي نموني ملائي هڪ ڪري پنهي لاءِ گڏيل ويڙهه ڪرڻ واري تنظيم سمجهي ڪيترين ڪاڀي ڌر جي تنظيمن اسان سان اتحاد ڪيو آهي ۽ اسان ان ڪي ان اتحاد ۾ هڪ باعزت حيثيت ڏيڻ ضروري ۽ مناسب سمجهيو آهي.

پر رڳو ائين ناهي ته فقط اسان ئي پنهنجي مخالفن تي اثر وڌو آهي. اسين به ٻين کان متاثر ٿيا آهيون اسان ٻين کان چڱيون تورڙي بريون ڳالهيون سکيون آهن.

اسان جي تنظيم پنهنجي ١٠-١١ سالن جي عمر جو سمورو عرصو نقلي ترقي پسنديءَ جي مقابلي ۾ وطن- دوستيءَ جي ليڪ پاسي ڪي مٿي ڪنيو آهي ۽ نقلي قوم پرستيءَ جي مقابلي ۾ بين الاقواميت واري پاسي تي به زور ڏنو آهي. پر جيئن ته هيستائين نقلي ترقي-

پسند نظريو زور هو ۽ نقلي قوم پرست نظريو ڪمزور هو. ان ڪري اسين هيستائين پنهي مان وطن دوستيءَ تي وڌيڪ زور ڏيندا رهيا آهيون ۽ بين الاقواميت تي گهٽ زور ڏيڻ سکيا آهيون. ان جو آهستي آهستي اسان جي ڪن ساٿين وطن دوستي بابت اسان جي ۽ نقلي قوم پرستيءَ جي ڌار ڌار ۽ ابتڙ موقفن کي هڪ ڪري سمجهڻ شروع ڪيو ۽ پنهي ۾ فرق ڪري نه سگهڻ. انهيءَ باري ۾ اسان جي ڪن ساٿين ۽ سند-دشمن جي وڏيرڪي ۽ سرمائيدار قوم پرستيءَ ۾ فرق ڪرڻ ڏکيو ٿيو پوي. انهيءَ ڪري بين الاقواميت بابت ڪافي ۽ ڀرپور صحيح مارڪسي، لينني، مائوزي تنگ جي تعليم نه هئڻ جي ڪري بين الاقواميت بابت اسان جو تصور تمام منجهيل ٿي پيو آهي. اسين ان مسئلي تي ڪيترين ڳالهين ۾ نقلي قوم پرست وڏيرن جو پيچ ٿي لڙڪندا نظر پيا اچون. انهيءَ ڳالهه اسان جي ساٿين لاءِ اڳتي وڌڻ ناممڪن بنائي وڌو آهي ۽ اڄڪلهه جيڪا ملڪي سطح تي چٽي سياسي ويڙهه هلي رهي آهي تنهن ۾ اسين پنهنجي ويڙهه جون صلاحيتون گهربل تيزيءَ سان ۽ ڀرپور نموني ڪتب آڻڻ کان معذور ٿي پئون ٿا. قدم قدم تي نقلي قوم-پرست وڏيرڪي نظريي جا ڏنگر ۽ ڇپون اسان جو رستو روڪيو ويٺيون آهن ۽ اسين بين الاقواميت توڙي وطن دوستيءَ جا گڏيل انقلابي فرض صحيح نموني

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پورا ڪري نہ ڏا سگھون. ان ڪري ضروري آهي تہ
اسان هڪ طرف وطن دوستيءَ بابت پنهنجي نظرئي ۽
عمل ۾ مضبوطي ۽ ثابت قدميءَ سان واڌارا جاري رکون
۽ انهن کي لاڳيتو وڌائيندا رهون تہ ٻئي طرف
بين الاقواميت بابت پنهنجي نظرياتي ڄاڻ ۾ بنيادي واڌارا
آڻيون، گڏريل وڏي ڪوٽ پوري ڪريون ۽ وطن دوستي
۽ بين الاقواميت جي نظرئي ۾ نقلي ترقي پسنديءَ وارو
يا نقلي قوم پرستيءَ وارو توازن قائم رکڻ بدران صحيح
مارڪسي، لينني ۽ مائوزي تنگ جي تعليم جي روشنيءَ
۾ توازن قائم ڪريون.

لينن جيڪي خود اراديءَ جي حق بابت سيکاريو
آهي سو اسان مان ڪيترن ساٿين جي نظر مان نڪتو
آهي. پر اهڙا تمام ٿورڙا ساٿي هوندا، جن سندس
بين الاقواميت بابت تعليم کي بہ چڱيءَ طرح نظر مان
ڪڍيو هجي ۽ ان کي پروڙڻ جي ڀرپور ڪوشش
ڪئي هجي.

لينن جي ان تعليم جو اندازو سندس لکيتن مان
چونڊيل هيٺين ڪن ٽڪرن مان ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪري
سگهجي ٿو. اسان لاءِ نہ ضروري آهي ۽ نہ فائديمند تہ
اسين انهن تي اکيون پوري عمل ڪريون. پر مارڪسي
لينني تعليم کان چڱيءَ طرح باخبر هجڻ ۽ ان تي
تخليقي نموني حالتن آهر ۽ سمجهہ سان عمل ڪرڻ
کان سواءِ اسين پنهنجي قوم ۽ پنهنجي ملڪ جي مظلوم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عوام جي خدمت هرگز نہ ڪري سگهنداسون ۔

وطن دوستي ۽ بين الاقواميت

”سچي سرمائيدار دنيا ۾ جيڪي بہ وڏيون طبقاتي ڪئمپون يعني سرمائيدارن جي ڪئمپ ۽ پورهيتن جي ڪئمپ آهي تن مان هرهڪ جا پنهنجا الڳ الڳ نعرا آهن، اهي نعرا قومي سوال بابت بہ پاليسيون (بلڪ بہ عالمي نقطي نظر) ظاهر ڪن ٿا. اهي نعرا آهن سرمائيدار قوم پرستي جو نعرو ۽ پورهيت بين الاقواميت (يعني سڀني قوميتن جي پورهيتن سان دوستيءَ ۽ ڀائپيءَ) جو نعرو. اهي بہ نعرا پاڻ ۾ ڪڏهن بہ نہ ٺهڻ وارا ۽ مخالف نعرا آهن.“

(لکنين جي مجموعي جو جلد ٢٠ ص ٢٦).

”....مارڪسزم (سرمائيدار) قوم پرستيءَ سان ٺاهہ نٿي ڪري سگهي، چاهي اها (سرمائيدار) قوم پرستي ڪٿي ڪيڏي حد ڪان وڌيڪ انصاف پسند، خالص ڪان خالص، نفيس ۽ مهذب قسم جي ڇو نہ هجي . مارڪسزم هر نموني جي (سرمائيدار) قوم پرستيءَ جي جاءِ تي پنهنجي قومن جي پورهيتن سان ڀائپي ۽ دوستي جي ڳالهہ ڪري ۽ قومن جي گڏجي سڏجي اچا بہ اوچي قسم جي ٻڌي قائم ڪرڻ جي ڳالهہ ڪي زور ونائي ٿي. سرمائيدار سماج ۾ قوميت جو اصول تاريخي طرح اڻ ٽر آهي. ان سماج کي پوريءَ طرح خيال ۾ رکندي، مارڪسي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انقلابي قومي تحريڪن جي تاريخي طور جائز هجڻ جي ڳالهه مڪمل طرح مڃي ٿو، پر اها مڃتا ڦري (سرمائيدار) قوم پرستيءَ لاءِ ڪو عذر نه ٿي پوي. انهيءَ لاءِ ضروري آهي ته اها مڃتا انهن تحريڪن ۾ جيڪي ترقي پسند ڳالهيون آهن فقط تن تائين سختيءَ سان محدود رکتي وڃي ته جيئن اهين نه ٿئي جو سرمائيداري نظريو هٿي پورهيت سمجهه کي منجهائي گم نه ڪري ڇڏي.

"... هڪ جمهوري قوت جي حيثيت ۾ پورهيت طبقي جو اهو لازمي فرض آهي ۽ پورهيتن جي طبقاتي جدوجهد جنهن ۾ قومي سوال تي ڦڏيبازي، گڙٻڙ ۽ رڪاوٽ وجهي ٿي، تنهن لاءِ اها ڳالهه يقيني طرح فائديمند آهي ته وڏيرڪي گهٽ ڪيءِ، قومي ظلم ۽ ڏاڍ کي ۽ ڪنهن خاص قوم يا ٻوليءَ کي ڪي خاص حق ۽ رعايتون مليل هجن ته انهن کي به ختم ڪيو وڃي. سرمائيدار قوم پرستيءَ جي پٺڀرائي ڪرڻ مهل انهن سخت محدود ۽ مقرر تاريخي حدن کي اورانگهي اڳتي وڃڻ جي معنيٰ ٿيندي پورهيتن سان غداري ڪرڻ ۽ سرمائيدارن جو طرف وٺڻ. انهيءَ جاءِ تي هڪ سرحد آهي جيڪا اڪثر تمام ڇهڪي هوندي آهي. بند وارا (يهودي سوشلسٽ) ۽ يوڪرائني قوم پرست سوشلسٽ اڪثر ان حد کي نظرانداز ڪري ڇڏيندا آهن."

(قومي سوال تي تنقيدي تبصرا جلد ٢٠ صفحه ٣٤، ٣٦).

”.... طبقاتي سمجهه رکندڙ مزدور ڪي ڪپي ٿسم هر قسم جي (سرمائيدار) قوم پرستيءَ خلاف سخت ويڙهه ڪن پوءِ چاهي اها (ظالم قومن واري - مترجم) بيهوديءَ دهشت انگيز ۽ داداگير قوم پرستي هجي، يا اها (مظلوم قومن جي) نهايت نفيس سرمائيدار قوم پرستي هجي جيڪا قومن جي برابريءَ جي تبليغ به ڪري ٿي ۽ آن سان گڏ اهو به ڪري ٿي جو مزورن جي مقصد کي، سندن تنظيمن کي ۽ پورهيت طبقي جي تحريڪ کي قوميت پٽاندر ورهايو، ذرڙا ذرڙا ۽ پور پور ڪريو ڇڏي. هر قسم جا سرمائيدار قوم پرست جيڪي ڪن بيا ٿن جي ابتڙ، طبقاتي سمجهه رکندڙ مزور مارڪسي ڪارڪنن جي تازيءَ ڪانفرنس جي فيصلي تي عمل ڪن ٿا ۽ نه رڳو قومن ۽ ٻولين جي مڪمل کان مڪمل، سڀ طرفي ۽ حقيقي طرح عمل ۾ آندل برابريءَ جا علمبردار آهن پر ساڳئي وقت انهيءَ ڳالهه جا به علمبردار آهن ته مختلف قوميتن جا مزور هر قسم جي گڏيل پورهيت تنظيمن ۾ گڏجي هڪ ٿي وڃن. قومي سوال بابت مارڪسزم جي پروگرام ۽ سڀ کان وڏيڪ ترقي پسند سرمائيدارن جي پروگرام ۾ اجهو اهو فرق آهي“

(”مزورن کي نفيس قوم پرستي سان خراب ڪرڻ“ جلد ٢٠ صفحو ٢٨٩-٩٠).

”پورهيت طبقي جو فائدو انهيءَ ۾ آهي ۽ خود عام طرح سياسي آزادين لاءِ اهو ضروري آهي ته ڪنهن

سرڪار اندر رهندڙ سمورين قوميتن جي وچ ۾ مڪمل
ڪان مڪمل هڪجهڙائي هجي ۽ قومن جي وچ ۾
جيڪي به ديوارون هجن انهن کي ڊاٺو وڃي .... فقط
هر قسم جي وحشي ۽ بيوقوفي واري قومي تعصب کي
آچلائي ڦٽي ڪرڻ کان پوءِ ئي، فقط سمورين قوميتن
جي پورهيتن کي هڪ تنظيم ۾ متحد ڪرڻ وسيلي
ئي پورهيت هڪ قوت بڻجي سگهندو، سرمائيداريءَ سان
مقابلو ڪري سگهندو ۽ پنهنجي زندگيءَ ۾ حقيقي
سڌارو آڻي سگهندو.
”سرمائيدارن ڏانهن ته نهار ڪريو هو عام ماڻهن
۾ ته قومي ڦيٽارو وجهڻ جي ڪوشش ۾ ڪن پر پنهنجي
ڪم ۾ مجال آهي جو انهيءَ قسم جو ڦيٽارو پوڻ ڏين.
روسي، يوڪريني، پول، يهودي، جرمن سيٺيون ساڳي
هڪڙي ڪارپوريشن ۾ پاڻيوار ٿيو مزي سان پنهنجا ڏندا
پيا هلائين. سمورين قومن ۽ سمورن مذهبن جا سرمائيدار
پورهيتن خلاف ته مڙيو هڪ ٿيو ويٺا آهن پر پورهيتن ۾
قومي ڏڦير وجهيو ڪين ڏار ڏار ڪريو هيٺو بنايو ويٺا آهن.“
(”يهودي اسڪولن کي قومي ملڪيت بنائڻ“ جلد ١٩
صفحو ٣٠٨)
”پورهيت طبقو پنهنجي سوشلزم لاءِ جدوجهد فقط
تڏهن هلائي سگهندو ۽ پنهنجي روزمره جي اقتصادي
مفادن جو بچاءُ فقط تڏهن ڪري سگهندو جڏهن پورهيت
طبقي جي سمورين تنظيمن ۽ سمورين قومن جي پورهيتن

جو پاڻ ۾ گهري ۽ گهرو ۽ مڪمل اتحاد هوندو.

”زارشاهي جو تختو (هڪ ٻين قومن جا نه) سمورين قومن جا پورهيت ئي آٿلائي سگهن ٿا. ۽ (سو به ڏڍهن جڏهن) هو سڀ پاڻ ۾ متحد هجن..... ان جو مطلب اهو ٿيو ته جيڪي پورهيت سمورين قومن جي پورهيتن سان مڪمل اتحاد ڪرڻ جي فرض تي پنهنجي سرمائيدار طبقي سان سياسي ٻڌي ڪرڻ کي فوقيت ڏين ٿا سي پنهنجي مفادن، سوشلزم جي مفادن ۽ جمهوريت جي مفادن خلاف ڪم ڪن ٿا“ (جلد ١٩ ص ٢٣٥).

”ڪوبه مارڪسي، مارڪسزم ۽ سوشلزم جي اصولن تان دستبردار ٿيڻ بنا ان ڳالهه کي مڃڻ کان انڪار نٿو ڪري سگهي ته سوشلزم جا مفاد، قومن جي خود اختياري جي حق کان اول ۽ بالاتر آهن“ (”بدقسمتي واري امن جي تاريخ بابت“ جلد ٢٦ ص ٤٤٩).

”(سمجهو) پورهيت ڪنهن قومي رياست جي برابر ۽ برابر حقن کي تسليم ڪرڻ سان گڏوگڏ سمورين قومن جي پورهيتن جي اتحاد کي ٻين سڀني ڳالهين تي فوقيت ڏئي ٿو ۽ هر قومي گهر ۽ هر قومي علحدگي جي ڳالهه کي پورهيت طبقي جي جدوجهد جي نقطي نگاهه کان پرکي ٿو“ (لکڻين جو مجموعو جلد ٢٠ ص ٤١١).

”ص: ٢٥٨ ... سمورين قومن کي خود اختياري جو حق هئڻ گهرجي (يعني هر هڪ قوم کي اها دستوري ضمانت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئڻ گهرجي. ته ڪنهن رياست کان الڳ ٿيڻ جي سوال کي. سورهن آنا آزاد ۽ جمهوري طريقي سان نبيريو وينــدو) اهــا هڪڙي ڳالهه آهي ۽ ڪنهن قوم کي واقعي ڪنهن ڏنل رياست کان الڳ ٿي ڪا ڌار رياست کپي يا نه سا قطعي ٻي ڳالهه آهي ۽ ٻنهي کي هڪڙي ڪري سمجهڻ وڏي ڀل ٿيندي. سوشل ڊيموڪريٽڪ پارٽي (ڪميونسٽ پارٽي) کي گهرجي ته جڏهن اهو سوال پيدا ٿئي ته فلاڻي قوم کي فلاڻي رياست کان الڳ ٿيڻ کپي يا نه ته ڏهن (ڪو عام فيصلو ڪرڻ بدران) هر مسئلي جو اهڙو الڳ فيصلو ڪري جو ان مسئلي جي خاص حالتن ۽ ضرورتن پٽاندر هجي. ان کي سڀ کان ڀرين اها جاچ ڪرڻ کپي ته مجموعي سماجي واڌاري کي ۽ سوشلزم قائم ڪرڻ لاءِ پورهيت طبقي جي طبقاتي جدوجهد کي وڌيڪ هتي ڪهڙي ڳالهه سان ملندي (يعني گڏ رهڻ مان يا الڳ ٿيڻ مان)“ (لکڻين جو مجموعو جلد ١٩، ص ٣٢٩).

”سياسي جمهوريت جي هن گهر (يعني قومن جي پنهنجي قسمتن جي فيصلي پاڻ ڪرڻ جي حق) جو نوس مطلب اهو آهي ته اها مڪمل آزادي هئڻ کپي ته ماڻهو پنهنجي قوم جي ڪنهن ملڪ کان الڳ ٿيڻ جي حق بجرائڻ لاءِ هلچل هلائي سگهي ۽ اها گهر ڪري سگهي ته ان قوم کي اهو حق ڏنو وڃي ته اها عام راءِ شماري ۽ ريفرينڊم ذريعي اهو فيصلو ڪري

ته اها ان ملڪ ۾ رهڻ چاهي ٿي يا الڳ ٿيڻ چاهي ٿي. تنهنڪري قومن جي پنهنجي قسمت جي فيصلي ڪرڻ جي حق واري ڳهر جو مطلب، علحدگي جي ڳهر، ٽڪرا ٿيڻ جي ڳهر ۽ ننڍڙين ننڍڙين رياستن ٺاهڻ جي ڳهر نه آهي. ان جو مطلب رڳو اهو آهي ته هر قسم جي قومي ظلم خلاف بااصول جدوجهد جو اظهار ڪرڻ آهي. رياست جو ڪو جمهوري نظام جيترو الڳ ٿيڻ جي مڪمل حق جي ويجهو هوندو اوترو ئي الڳ ٿيڻ جي خواهش ۾ جوش خروش گهٽبو ڇو ته وڏيون رياستون اقتصادي واڌاري ۽ عوام جي مفادن جي خيال کان ننڍين جي ڀيٽ ۾ تمام گهڻيون فائدي واريون آهن جيئن جيئن سرمائيداري وڌندي ويندي، تيئن تيئن وڏين رياستن جا ننڍين جي ڀيٽ ۾ عوام لاءِ فائدا وڌندا" (جلد ٢٢، ص ١٣٦).

"اسين رياست جي سمورن علائقن جي خوداختياري جي فائدي ۾ آهيون، اسين الڳ ٿيڻ جي حق جي فائدي ۾ آهيون (۽ انهيءَ جي فائدي ۾ نه آهيون ته هرڪو الڳ ٿي وڃي!) هڪ جمهوري رياست کي منظم ڪرڻ لاءِ اسان جي رٿا آهي ته علائقن کي خوداختياري ڏني وڃي. اسان جي رٿا علحدگي هرگز نه آهي. اسين علحدگي جو پرچار نٿا ڪريون پر اسين رجعت پرست هن روسي قوم پرستي جي ڪري قومن جي الڳ ٿي وڃڻ جي حق جي حمايت ٿا ڪريون. ان رجعت پرست

روسي قوم پرستي نہ قومن جي گڏجي رهڻ جي تصور کي اهڙو داغدار بڻائي ڇڏيو آهي جو ڪن حالتن ۾ قومن جي وچ ۾ گهرا ناتا علحدگي کان پوءِ قائم ٿيندا. .... اسان جو رياست بابت بنيادي اصول مرڪزيت آهي. قومن جو پنهنجي قسمت جو فيصلو پاڻ ڪرڻ جو تصور ان بنيادي اصول کان هٽيل، خاص ۽ نرالو اصول آهي. رجعت پرست مها روسي قوم پرستيءَ ڪري اهو خاص ۽ نرالو اصول قطعي طور لازمي آهي ۽ ان کي رد ڪرڻ موقعي پرستي آهي، ان جو مقصد ٿيندو بيوقوفي وچان رجعت پرست مها روسي قوم پرستي جي هٿن ۾ کيڏڻ. پر خاص ۽ نرالين ڳالهين جي هروڀرو وڌيڪ معنيٰ نہ وٺڻ کپي. هن حالت ۾ الڳ ٿيڻ جي حق کان وڌيڪ ڪابہ ڳالهہ ڪانهي ۽ نہ ڪا ٿيڻ کپي" (جلد ١٩، ص ٥٠٠).

"ظالم قوم جي پورهيتن کي بين الاقواميت يعني پين قومن جي پورهيتن سان دوستي ۽ ڀائپي رکڻ جي تعليم ڏيڻ مهل انهيءَ ڳالهہ تي لازمي طرح زور ڏيڻ کپي تہ هو انهيءَ ڳالهہ جي وڪالت ڪن ۽ انهي لاءِ وڙهہ ڪن تہ مظلوم قومن کي اهو حق هئڻ گهرجي تہ هو سندن حڪومت کان الڳ ٿي، پنهنجي ڌار حڪومت ٺاهين. انهيءَ ڳالهہ کان سواءِ بين الاقواميت ۽ دنيا جي قومن جي پورهيتن جي وچ ۾ دوستي ۽ ڀائپي ٿي ئي نٿي سگهي. اسان کي اهو حق آهي ۽

اسان جو اهو فرض آهي ته جيڪو سوشلسٽ جمهوريت پسند (ڪميونسٽ) اها پروپيگنڊا ڪري ته هن کي بدمعاش ۽ سامراجي ڪري ليکيون. اها ڳالهه بلڪل قطعي آهي ۽ جتي حالتون اهڙيون هجن جو ڪنهن مظلوم قوم جي ظالم قوم کان سوشلزم جي اچڻ کان اڳ الڳ ٿي سگهڻ جو امڪان هزار منجهان هڪڙو به ڪٿي هجي، اتي به ظالم قوم جي سوشلسٽ جمهوريت پسندن (ڪميونسٽن) کان اهائي ڳالهه ڪرڻ گهرجي. دنيا جي سڀني قومن جي پورهيتن جي وچ ۾ دوستي ۽ ڀائپي جي علمبردار سوشلسٽ جمهوريت پسند (ڪميونسٽ) ٿيڻ لاءِ ماڻهو کي گهرجي ته رڳو پنهنجي قوم لاءِ هرگز نه سوچي پر سڀني قومن، سڀني جي آزادي ۽ برابري جي مفادن کي پنهنجي قوم جي مفادن کان اڳرو ۽ مٿاهون ڪري ليکي. اصولي طرح، هرڪو اها ڳالهه مڃي ٿو پر عمل ۾ هرڪو ان اصول ڏانهن بي پرواهه ملڪ ڦٻائيندڙن واري لاپرواهي ظاهر ڪري ٿو....

”ٻي طرف هڪڙي ننڍڙي قوم جي سوشلسٽ جمهوريت پسند (ڪميونسٽ) جو فرض آهي ته پنهنجي هلچل ۾ اسان جي عام فارمولا جي ٻئي لفظ تي زور ڏئي يعني ”رضا خوشي واري ڳنڍ“ تي. بين الاقواميت جي علمبردار جي حيثيت ۾ مٿس جيڪي فرض عائد ٿين ٿا، تن تي قائم رهندي هو اها ڳالهه ڪري سگهي

ڏو ته سنڌس قوم کي سياسي آزادي ملي ۽ اها ٻاسي واري ڪنهن رياست سان شامل ٿئي، ڪيئن به هجي ڪيس ننڍڙين قومن واري تنگ نظري، گهر جي ڪند ۾ لڪي ويهي رهڻ ۽ سڄي دنيا کان الڳ ٿي پنهنجي منهن رهڻ واري لاڙي خلاف ويڙهه ڪرڻ گهرجي، ڪيس گهرجي ته هو سڄي ۽ عام تي ويچار ڪري ۽ خاص مفادن کي عام مفادن جي تابع رکي....

”جن ماڻهن هن مسئلي تي پوري طرح ويچار ته ڪيو آهي سي پائين ٿا ته سوشلسٽ جمهوريت پسندن (ڪميونسٽن) جي اها ڳالهه هڪڙي جي ابتڙ آهي جو ظالم قومن جا سوشلسٽ جمهوريت پسند (ڪميونسٽ) قومن جي الڳ ٿيڻ جي آزاديءَ تي زور ڏين ٿا ۽ مظلوم قومن جا سوشلسٽ جمهوريت پسند (ڪميونسٽ) وري ”قومن جي گڏجي هڪ ٿيڻ جي آزاديءَ“ تي زور ڏين ٿا. پر ٿورڙو ويچار ڪبو ته معلوم ٿيندو ته دنيا جي قومن جي پورهيتن جي وچ ۾ پاڻپي ۽ دوستي ۽ قومن جي ملي هڪ ٿيڻ جو هاڻوڪي صورتحال ۾ انهيءَ کان سواءِ ٻيو ڪوبه رستو ڪونهي“ (جلد ٢٢، ص ٣٤٦).

”جيڪڏهن اسين منگوليا، ايران ۽ مصر جي ماڻهن ۽ ٻين سمورن مظلوم ۽ اڻ برابري جي شڪار ٿيل ماڻهن جي الڳ ٿيڻ جي حق جي گهر ڪريون ٿا ته اهو انهيءَ ڪري ڪونه ٿا ڪريون ته ڪو اسين

چاهيون ٿا ته ماڻهو هڪٻئي کان الڳ ٿي وڃن. اسين اها ڳالهه رکيو انهيءَ ڪري ڪريون ٿا جو زوري جي ڳنڍپ جي جاءِ تي اسين آزاد ۽ رضا خوشي واري ڳنڍپ ۽ ميل جول جي حمايت ڪريون ٿا“ (جلد ٢٣، ص ٦٧).

”قومن جي پنهنجي قسمت جو فيصلو پاڻ ڪرڻ ۽ الڳ ٿيڻ جي حق ڪي تسليم ڪرڻ مان اهو مونجهارو پيدا نه ٿيڻ کپي ته ڪو ڪنهن خاص وقت تي، ڪنهن خاص قوم جو، ڪنهن بي قوم کان الڳ ٿيڻ هرويرو صلاح پريو ۽ مناسب آهي. پورهيتن جي پارٽي کي کپي ته انهيءَ سوال جو فيصلو هر معاملي جي خاص صورتحال، مجموعي سماجي واڌاري جي مفادن ۽ پورهيت طبقي جي سوشلزم لاءِ طبقاتي جدوجهد جي مفادن کي خيال ۾ رکي پوءِ ڪري....

”پورهيت طبقي جي مفادن جي تقاضا آهي ته روس جي سمورين قوميتن جي پورهيتن جون گڏيل ۽ ساڳيون پورهيت تنظيمون هجن جهڙوڪ: سياسي تنظيمون ٽريڊ يونينون، امداد باهميءَ جون تنظيمون، تعليمي تنظيمون وغيره. ڌار ڌار قوميتن جي پورهيتن جو اهڙيءَ ريت ساڳين تنظيمن ۾ ملي هڪ ٿيڻ ئي پورهيت طبقي لاءِ اهو ممڪن بڻائيندو ته هو بين الاقوامي سرمائيداري ۽ سرمائيدار قوم پرستي خلاف ڪامياب ويڙهه ڪري سگهن“ (جلد ٢٤، ص ٣٠٢).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"جيڪڏهن پيون حالتون ساڳيون آهن ته پوءِ طبقاتي سمجهه رکندڙ پورهيت هميشه ننڍين رياستن بدران وڏين رياستن هجڻ کي ترجيح ڏيندو. اهو هميشه پراڻي زماني جي نرالائپ ۽ خصوصيت سان ويڙهه ڪندو ۽ وڏن علائقن جي اقتصادي ڳانڍاپي جي آجيان ڪندو جو اڻي پورهيت طبقي جي سرمائيدار طبقي خلاف جدوجهد وسيع بنياد تي وڏي ويجهي سگهندي" (جلد ٢٠، ص ٤٥).

اسٽالين هن مسئلي جي انهيءَ پاسي بابت لکيو آهي:

"اهڙا مثال به آهن جڏهن ڪن مظلوم ملڪن جون قومي تحريڪون پورهيت تحريڪ جي واڌاري جي مفادن سان ٽڪر ۾ اچن ٿيون، اهڙين حالتن ۾ (قومي تحريڪن جي) تائيد ڪرڻ جو ظاهر آهي ته ڪو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. قومن جي حقن جو سوال ڪو اڪيلو پنهنجو پاڻ ۾ پورو سوال ڪونهي، اهو پورهيت انقلاب جي عام مسئلي جو هڪڙو حصو آهي جيڪو سڄي جي ماتحت آهي، ۽ جنهن کي سڄي جي نقطہ نگاه کان جاچڻ ۽ ڏسڻ گهرجي. گذريل صديءَ جي چوٿين ڏهاڪي ۾ مارڪس پولن ۽ هنگارين قومن جي قومي تحريڪن جو حامي هو ۽ زيڪن ۽ ڏاکڻ سلاون جي قومي تحريڪن جي خلاف هو. ڇو؟ جو ته زيڪ ۽ ڏاکڻا سلاو انهن ڏينهن 'رجعت پرست قومون' هئا. آهي يورپ ۾ ڇڙ روس جون، آپيشاهيءَ جون چوڪيون ۽ ٿاڻا هئا، انهن جي ابتڙ پول، هنگاري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"انقلابي قومون" ھئا، جيڪي آپيشاھيءَ خلاف لڙيا ٿي. ڇو تہ اُن زماني ۾ زيڪن ۽ ڏاکڻين سلاون جي مدد ڪرڻ جي سزا ھئي اڻ سڌي طرح رازشاھيءَ جي مدد ڪرڻ، جيڪا يورپ ۾ انقلابي تحريڪ جي سڀ کان خطرناڪ دشمن ھئي. لينن لکي ٿو "قومن جي پنھنجي قسمت جو فيصلو پاڻ ڪرڻ جو حق ۽ ٻيون اھڙيون جمھوري گھرون ڪي قطعي شيون ناھن. اھي عام جمھوري (عام سوشلسٽ - اسٽالين) عالمي تحريڪ جو فقط ھڪڙو ننڍڙو حصو آھن. ڪن خاص نوس حالتن ۾ ڪو حصو ٿي سگھي ٿو تہ سڄي سان ٽڪر کائي. ان حالت ۾ ان حصي کي رد ڪرڻو پوندو...."

"مظلوم ملڪن جا آھي سوشلسٽ جيڪي پنھنجي قومي تنگ نظريءَ کان مٿي نہ اڀرڻ گھرن ۽ جيڪي اھو نہ ڏسن تہ سندن ملڪ جي آزاديءَ جي تحريڪ ۽ حاڪم قومن اندر پورھيت تحريڪ جي وچ ۾ ڪھڙو لاڳاپو آھي، تن جي قومي اڪيلائي پسندي، تنگ نظري ۽ پاڻ کي سڄي دنيا کان ڪٽي ڇڏڻ جي لاڙي سان ويڙھ ڪرڻ جي ضرورت آھي....

"اھڙي ريت حاڪم ۽ محڪوم قومن جي پورھيت عوام کي انقلابي بين الاقواميت جي جذبي جي تعليم ڏيڻ بيحد ضروري آھي" (لينن ازم جا بنياد ص)

مائو ان سلسلي ۾ چيو آھي تہ:

"ڇا جيڪو ڪميونسٽ بين الاقوامي نظريو رکي ٿو

ٿيو مَاڳيُنِي وقت وطن دوست ٻه ٿي سگهي ٿو؟ اسان جو خيال آهي ته رڳو هو اٿين ٿي سگهي ٿو ٻه هن کي اٿين ٿيڻ ٿي گهرجي" (قول ص ١٢٦).

"اهو ڪهڙي قسم جو جذبو آهي جو ڪنهن ڌارئين ماڻهوءَ کي ٻئا ڪنهن لاڳ جي چيني عوام جي آزادي جي مقصد کي پنهنجو مقصد بنائڻ لاءِ اُپارِي ٿو؟ اهو بين الاقواميت جو جذبو آهي يعني ڪميونزم جو جذبو آهي جنهن مان هرهڪ چيني کي سکڻ گهرجي. سيني سرمائيدار ملڪن جي پورهيتن مان اسان کي پڌي ڪرڻ گهرجي .... جو ته رڳو انهيءَ طريقي سان سامراج جو تختو اٿلائي سگهجي ٿو، پنهنجي قوم ۽ عوام کي آزادي ڏياري سگهبي ۽ دنيا جي ٻين قومن ۽ عوام کي آزاد ڪرائي سگهجي ٿو" (قول ص ١٢٧).

سنڌي ماڻهن جي حق پرست قومي جدوجهد جا صحيح مفاد پورهيت بين الاقواميت جي صحيح مفادن جي ابتڙ هرگز ناهن. مظلوم سنڌي عوام جو صحيح قومي مفاد اهو آهي ته:

(١) ظالم قوم جا ڦورو ۽ ظالم حاڪم طبقا پنهنجي سچي جي سچي قوم کي اسان مظلومن جو مڪمل طرح دشمن بنائي نه سگهن.

(٢) اسان جي مظلوم پورهيت عوام ۽ ان قوم جي مظلوم پورهيت عوام جي مفادن ۾ جيڪي تضاد آهن انهن کي صحيح انقلابي اصولن جي روشني ۾ دوستاڻي

نموني گهڻائي، وسيع عوام کي پنهنجي پاسي ڪري، پين گهڻن کي غير جانبدار ڪري ۽ خسيس ٿورو ۽ ظالم ٽولي کي اڪيلو ۽ بي واهه بڻايو وڃي.

(٣) اسان جو پورهيت عوام ۽ پين قومن جي پورهيتن جي وچ ۾ جيڪي ڏکهن ۽ دائمي مفادن جون هڪجهڙايون آهن تن کي چٽو ۽ نروار ڪيو وڃي ۽ هنن کي ان ڳالهه تي آماده ڪرڻ جي ڪوشش ڪجي ته پنهنجي ٿورو ۽ ظالم طبقي جي چوڻ تي لڳي، ٿوري عارضي فائدن خاطر اسان سان دشمني نه ڪن پر پاڻ اهي غلط ۽ عارضي لالچون ۽ فائدا ٺوڪاري، پنهنجي ڏکهن ۽ دائمي مفادن خاطر اسان سان صحيح انقلابي دوستي رکن، ان کي وڌائين ۽ ويجهائين.

ان مسئلي بابت مارڪسي، ليننې تعليم سنڌ ۽ هن ملڪ جي حالتن ۾ ڪيئن ڪتب آڻجي ۽ اسان جي حالتن ۾ مسئلي جو مڪمل طور صحيح حل ڪهڙو هئڻ گهرجي ان لاءِ انقلابي نظرئي ۽ اسان جي تاريخي توڙي موجوده حالتن جي گهري ۽ ڳوڙهي ڇنڊ ڇاڻ ڪري حڪمت عملي، تدبيرون ۽ پاليسيون بڻائي، هڪڙي صحيح وات وٺي اڳتي وڌڻ گهرجي.

سولين سوين حاصل ڪرڻ جو خيال ترڪ ڪرڻ ۽ سخت جدوجهد جو ڏينگ اختيار ڪرڻ

سنڌ ۾ پين ڳالهين سان گڏوگڏ سياسي اڳواڻيءَ جو معيار به تمام هيٺ آهي. اسين ڏسون پيا ته ماڻهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سالن کان سال ڪوشش ڪريو، جيڪي قوت گڏ ڪن ٿا سا هڪڙيءَ گهڙي ۾ ضايع ڪريو ڇڏين. هو گهٽين قوتن هوندي به تمام ٿورڙو واڌارو حاصل ڪري سگهن ٿا. ان جي پيٽ ۾ اسان جي تنظيم جي اڳواڻي گهڻي بهتر آهي ۽ ان جيتري گهڻ محنت ڪئي اوترا گهڻ واڌارا ڪيا آهن ۽ ٿورڙي قوت هوندي گهٽيون ڪاميابيون حاصل ڪيون آهن ۽ لڳاتار وڌندي رهي ٿي. پر ان مان اهو غلط خيال اپري سگهي ٿو ته دنيا ۾ سڀ ڪم گهر ويٺي رڳو هوشياريءَ ۽ ڏاهپ سان ٿي سگهن ٿا. وڏيون سوڀيون سولائيءَ سان حاصل ڪري سگهجن ٿيون. انهن غلط خيالن خلاف جدوجهد بيحد ضروري آهي نه ته اسين جلد سستي، مفت خوري، سڪڻي سيٽ جو شڪار ٿي سياسي طرح سيڪجهه ڦرائي سگهندا ۽ سچا ٿي سگهون ٿا. سخت اڻانگي ۽ لاڳيتي جدوجهد کانسواءِ دنيا ۾ ڪجهه به حاصل ٿيڻ ناممڪن آهي. مارڪسي، لينني ۽ مائوزي تنگ جي تعليم ٿي هلندڙن لاءِ ڪم جو فقط اهو ئي ڍنگ صحيح آهي.

ٽوليبازي

ٽوليبازي انقلابي ضابطي جي ابتڙ آهي. اها تنظيم ۾ نظرياتي جدوجهد بدران ذاتي ۽ ڌڙي بندي واري ڦڏي فساد جو بنياد وجهي ٿي. تنظيم جو اصول اهو هجڻ کپي ته پلي سگهو پاڻ هجي پر جي غلط هجي ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُن جو پاڇو نہ وڻڻ گهرجي. عزت، ڀاڙي، تعلقي، ضلعي يا يارِي دوستيءَ جي بنياد تي ٽولو ٺاهڻ هڪ سخت انقلاب دشمن لاڙو آهي جنهن جي پاڙ پٽڻ کان سواءِ اڳتي وڌي نہ ٿو سگهجي. انهيءَ نظرياتي سوالن بابت صاف ۽ چٽا جواب معلوم ڪرڻ کان پوءِ اسين تنظيم اندر جيڪي موجوده تنظيمي ۽ سياسي مسئلا آهن تن کي چڱيءَ طرح سمجهي سگهنداسين ۽ انهن جي حل ڪرڻ لاءِ صحيح ڪوشش ڪري سگهنداسون.

تنظيمي طرح صورتحال هيءَ آهي تہ اسان کي ”ڪين“ مان ”ڪجهہ“ بنائڻو ٿو پوي. پين علائقن جي ابتڙ اسان وٽ چڱي پڙهيلن ڳڙهيلن، نظرياتي ۽ عملي طرح پڪن محنتي ماڻهن جي سخت اڻاٺ آهي. اسان کي تاريخي طرح تمام ٿوري عرصي ۾ تمام وڏي تاريخي کوٽ پوري ڪرڻ لاءِ سخت ۽ اڻانگي جدوجهد ڪرڻي پئي آهي. ان ڪري اسان کي گهڻين حالتن ۾ اهڙي ڪچي ۽ ڪمزور مواد کي ڪتب آڻڻو ٿو پوي، جنهن جي باري ۾ اڳواٽ اندازو هوندو آهي تہ ان جو پس و پيش فقط ڪجهہ حصو ڪجهہ ڪارائتو نڪرندو. تنظيم کي ڪچا ماڻهو ڀرتي ڪرڻا پون ٿا، ڪچن ماڻهن کي ڀرتي ڪري ڪين تعليم ڏيڻي پوي ٿي. ڪچن ۽ ڪمزور ماڻهن تي ذميواريون رکڻيون پون ٿيون ۽ ان سان گڏوگڏ آهستي آهستي ڪين عمل ۾ تربيت ڏئي پڪو ڪرڻو پوي ٿو. اڌ پڪن ماڻهن ۽ گهڻين

خامين ۽ ڪمزورين وارن ماڻھن کي انھيءَ اميد تي اھم ذميواريون ۽ عھدا ڏنا ويون ٿا تہ من ڪوشش ڪري ھو پنھنجون ڪمزوريون ۽ خاميون دور ڪن ۽ انھيءَ وچ ۾ تنظيم جو ڪم ڪجھہ اڳيرو وڌي ھلي وڃي. ”اول تربيت مڪمل ڪرڻ، پوءِ ذميواريون سونپڻ“ بدران ”ڪجھہ تربيت بعد ڪجھہ ذميواريون سونپڻ“ وارو تجربو مجموعي طور ڪامياب ٿيو آھي ۽ ٿوري عرصي ۾ تنظيم وڌڻ، ڪڇڻ، پڪن ڪارڪنن جو ھڪڙو چڱو تعداد ٺاھي، انھيءَ جي مدد سان ڪم کي ڪافي اڳتي وڌائي ھن منزل تي پھچڻ ۾ ڪامياب ٿي ويئي آھي. پر اھو تجربو سؤ سيڪڙو نہ ڪامياب ٿي سگھيو ھو ۽ نہ ٿيو. ھلندي ھلندي ڪيترا پڪا گھڙا بہ وچ سير ۾ ڀڄي پيا پون، اسين تہ انھين تي ڪچا آھيون. سخت ڪوٽ جي فوري پورائي جي سخت ضرورت ڪري، ڪافي خطرا کڻي آزمائشي طور ڪي اڻ آزمايل ۽ پنھنجي فطرت رکندڙ ماڻھو تنظيم ۾ آندا ويا، سندن گھٽي تربيت ڪئي ويئي، مٿن زبردست چوڪسي رکي ويئي ۽ کانئن ڪافي ڪارائتو ڪم ورتو ويو، تان جو ھڪ حد تي پھچڻ کان پوءِ سندن نقصانڪار پاسو فائدي واري پاسي تي غالب پئجي ويو ۽ ھو تنظيم لاءِ وڌيڪ وقت فائديمند رھڻ بدران نقصانڪار ٿي پيا ۽ تنظيم کي اندران ئي اندر ڪافي نقصان پھچائڻ کان پوءِ جڏھن ڏٺائون تہ اندر رھي وڌيڪ

نقصان پهچائڻ ممڪن ڪونه رهيو آهي تڏهن پنهنجي راهه وٺي رمندا رهيا.

عام طرح اهو سمجهڻ ڏکيو ٿيو هوي ته انقلابي تنظيمن ۾ وقت بوقت هيڏا ڌوڏا، هيڏا ٽڪرا ڇو ٿا اچن، پراڻا ساٿي پاڻ ۾ ڇو ٿا وڙهيو پون، جاني ڇو ٿا جدا ٿين، اتحاد ڇو ٿا ٽٽن ۽ پراڻين ۽ آزمايل ڪارڪنن کي تنظيمن مان الڳ ڇو ٿو ٿيڻو پوي، ماڻهو خارج ڇو ٿا ٿين. ائين ڇو ٿو ٿئي ته جيڪي ماڻهو شروعات ۾ گڏجي ڪو ڇڱو ڪم ڪرڻ نڪتا هجن ۽ ڪڙا مٺا گڏ چکي چڪا هجن سي پڇاڙيءَ تائين پاڻ ۾ ساٿ نڀائين، پڇاڙيءَ تائين منجهن پريت ۽ محبت قائم رهي؟

اهو انهيءَ ڪري ٿو ٿئي جو فطرت جي اٽل قانون موجب ائين ٿي ئي نٿو سگهي ته ڪو به ماڻهو، ڪا به شيءِ سدائين جيئن جو تيئن ساڳي حالت ۾ قائم رهي. ڪائنات ۾ هر شيءِ سدائين چرپر ۾ آهي. هر شيءِ هر وقت ڦري گهري ۽ بدلجي پئي. جيڪي شيون ڪنهن وقت هڪ هنڌ گڏ ۽ پاڻ ۾ متحد هجن سي سڀ سدائين گڏ ۽ متحد هجن ائين ٿي ئي نٿو سگهي. ماڻهن جا سڀ يار پڇاڙيءَ تائين سلامت نٿا رهن. هڪڙي ماءُ پيءُ جو اولاد وڏو ٿيڻ کان پوءِ پنهنجي الڳ واٽ وٺي ٿو ۽ منجهن زمين آسمان جو فرق ٿيو پوي، جيڪي به ماڻهو ڪنهن گاڏيءَ ۾ ساڳين اسٽيشن

تي سوار ٿين ٿا سي سڀ ڀچاڙيءَ واري اسٽيشن تائين ڳڏ نٿا هلن، جيڪي شاگرد ٻهرين درجي ۾ همڪلاسي هوندا آهن سي سڀ بي-اي يا ايم-اي تائين همڪلاسي رهي نٿا سگهن. انهن جي اڪثريت اڌ پنڌ ۾ ئي الڳ ٿيو وڃي. هڪڙو ٻه مس ڳڏجي ڀچاڙي تائين پهچن ٿا.

ماڻهوءَ جي سوچ ۽ سندس عمل سدائين ساڳيا نٿا رهن. اهي بدلجندا رهن ٿا. ڪيترائي شيون جهڙيون هونديون آهن پنهنجي اُن جي ابتڙ به ٿي پونديون آهن. صبح منجهيو شام ٿيو پوي، ڏينهن منجهيو رات ٿيو پوي، بهار منجهيو خزان ٿيو پوي، خزان منجهيو نيٺ بهار ٿيو پوي. پالڻ بدلجيو پڊائڻ ٿيو پوي. ٿڌ منجهيو گرمي ٿيو پوي. اها تبديلي سٺي به هوندي آهي ته بري پڻ. برا ماڻهو سٺا به ٿي پوندا آهن ۽ سٺا ماڻهو برا به ٿي پوندا آهن. غير انقلابي ماڻهو انقلابي ٿي پوندا آهن ۽ انقلابي ماڻهو غير انقلابي بلڪ انقلاب دشمن ٿي پوندا آهن.

رڳو جديد انقلابن جي تاريخ تي سرسري نظر وجهبي ته به صاف نظر اچي ويندو ته جيڪي ماڻهو شروعات ۾ هڪڙي ڏاڪي تي، زبردست انقلابي هئا سي ڪجهه وقت کان پوءِ ٻي ڏاڪي تي، بلڪل نڪما بلڪ انقلاب دشمن ثابت ٿي پيا آهن. مثال، باڪونين ۽ دنيا جي ڪيترين قومن جا پيا سوين انقلابي ڀريائين مارڪس ۽ اينجلس جا ساٿاري ٿيا پر ڪجهه

وقت کان پوءِ اهي بلڪل انقلاب دشمن ٿي پيا. تان جو ان ڪري مارڪس ۽ اينجلس کي لڳاتار ڪيترين تنظيمن کي ڇڏڻو پيو. ايتريقدر جو انهن ماڻهن جي سازشي ۽ انقلاب دشمن حرڪتن جي ڪري ڪين پورهيتن جي پهرين بين الاقوامي تنظيم کي ١٢ سالن کان پوءِ ١٨٧٦ ۾ ٽوڙي ڇڏڻو پيو.

لينن جا سوين ساٿي انقلاب دشمن ثابت ٿيا. خود لينن جي استاد پليخانو ۽ گورڪيءَ جهڙا جڳ مشهور انقلابي به روسي انقلاب جي فيصلي جي منزل تي انقلاب جي دشمن سان گڏجي ويا. ٽراٽسڪي، زنو ويو، مارتوو، بخارين ۽ پيا نامڪتيا انقلابي پچاڙيءَ جو انقلاب دشمنن جي صفن ۾ هئا. چيني انقلاب ۾ مختلف موڙن ۽ مختلف ڏاڪن تي سوين انقلابي ليڊر هزارين انقلابين کي وٺي انقلابي صفن مان نڪري ويا. پيا ته ٺهيو پر چيني ڪميونسٽ پارٽيءَ جو پهريون سيڪريٽري چن ٽو شيو به ١٩٢٧ ۾ ٨١ انقلابي ساٿين کي وٺي وڃي ٽراٽسڪائي انقلاب دشمن سان مليو. ان جو جاءِ نشين سيڪريٽري چوچيوپائي به قيد ٿي وڃي دشمن جو همخيال ٿيو ۽ انقلاب دشمن ڪتاب لکي انقلاب تان دستبردار ٿي ويو. پارٽيءَ جا پيا سيڪريٽري لي لي سان، لوچانگ لنگ، وانگ منگ ١٩٢٨ کان وٺي ١٩٣٤ تائين هڪٻئي پويان انقلاب لاءِ تباهه ڪن ثابت ٿيا. ١٩٣٦ ۾ چانگ ڪوئتائو هزارين انقلابي سپاهه ۽ خود ڪمانڊر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انچيف چوتيهه کي برغلائي انقلابي فوج کان ڇڏي ڏار ٿي مائو کي دشمن جي وچ ۾ اڪيلو ڇڏي هليو ويو. ١٩٥٠ ۾ ڪائوڪانگ، جائوشوشي جهڙن نامور انقلابي ليڊرن بغاوت ڪئي ۽ کين ڪيڏو پيو. ١٩٥٩ ۾ مشهور فاتح انقلابي جنرل ۽ ان وقت جي وزير دفاع مارشل پينگ تيهه هئائي چين جي ڪن چوٽيءَ جي انقلابي جنرلن جي هڪڙي ٽوليءَ سان سازش ڪري پارٽيءَ خلاف بغاوت ڪئي ۽ کيس برطرف ڪرڻو پيو. ان کان پوءِ صدر ليوشائوچي ۽ پارٽي سيڪريٽري تنگ سيائوپنگ جيڪو هاڻي مائو جي وفات کان پوءِ وري اقتدار ۾ آيو آهي. تن کي برطرف ڪرڻو پيو. ١٩٧٠ ۾ پنهنجي وزير دفاع ۽ هاڪاري انقلابي سپه سالار مارشل لن پيائو کي انقلابي جنرلن جي پنهنجي هڪڙي ٽولي سميت برطرف ڪرڻو پيو. مطلب ته سڀ انقلابي انقلاب جي سيني ڏاڪن تي انقلابي نٿا رهن. ڪيترا پهرين ڏاڪن تي انقلابي رهن ٿا پر پوءِ وات تان ٿڙيو وڃن. ڪي ته صاف صاف رجعت پرست ۽ عوام دشمن ٿيو پون.

انهيءَ ڪري پراڻي انقلابي هجڻ جي هر حالت ۾ اها معنيٰ ڪانهي ته اهو ماڻهو هينئر به ڪو انقلابي آهي. ٿي سگهي ٿو ته اهو هاڻي به انقلابي هجي پر اهو به ٿي سگهي ٿو ته هو هاڻي انقلاب دشمن ٿي ويو هجي ۽ هاڻي انقلابي سڏائڻ جو حقدار ئي نه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهيو هجي.

اسان انهيءَ مسئلي تي هيئن روشني وڌي آهي:
”اسان جي تنظيم ڪا- خالداني نانيءَ ويڙهو يا ڪا ذاتي دوستين جي ڪلب ڪانهي. اها پورهيت طبقي جي سياسي جماعت آهي. اسين ذاتي دوستيءَ جي مفادن ڪي پنهنجي مقصد جي مفادن کان مٿيرو ڪري ليکڻ جي اجازت نٿا ڏيئي سگهون....

”جيڪڏهن اسان ڪي پراڻو بولشويڪ انقلابي رڳو انهيءَ ڪري چيو وڃي ٿو جو اسين پراڻا ماڻهو آهيون ته پوءِ چئبو ته حالتون بلڪل خراب ٿي ويون آهن. ماڻهو بولشويڪن جي عزت انهيءَ ڪري ڪونه ٿا ڪن جو هو رڳو پراڻا آهن پر انهيءَ ڪري ٿا ڪن جو هو پراڻي هئڻ سان گڏوگڏ اهڙا سدا-بهار ۽ سدائين تازا انقلابي آهن، جيڪي ڪڏهن به مدي خارج ٿيڻ وارا ناهن. جيڪڏهن ڪو بولشويڪ انقلاب جي رستي تان ٿڙي وڃي ٿو ۽ سياسي طرح ڪريو (ڪريو) ۽ ناڪام ٿيو پوي ته پوءِ هو پهلي ڪٽي سؤ سالن جو هجي ته به ڪيس ڪو به حق ناهي جو هو پاڻ کي پراڻو بالشويڪ سڏائي، ڪيس ڪو به حق ناهي ته هو پارٽيءَ کان گهر ڪري ته پارٽي سندس عزت ڪري“ (ليننزم جا بنياد صفحو ٣٢٧).

اسان جي سماج ۾ سوچ اڃان گهٽي يا گهڻي خاندان، ذات ۽ قبيلي جي سطح تي آهي اسان وٽ ماڻهو پارٽيءَ

جي ساٿ کي نظرياتي ۽ سياسي رشتي سان گڏ قبائلي رشتي طور به ڏسن ٿا. هو ڀائين ٿا ته جيئن ڪو ماڻهو ذات جو خاصخيلي يا ميمڻ يا سيد آهي ته اهو سدائين ان ذات وارو ٿي رهندو ۽ جيڪڏهن ڪو ڪنهن جو سوٽ يا ماسات آهي ته چاهي ڇا به ٿي پوي ته به اهو رشتو سدائين ساڳي حالت ۾ قائم رهندو، تيئن ڪو ماڻهو تنظيم ۾ هڪڙو دفعو شامل ٿيو ته پوءِ ڪٿي ڇا به ٿي پوي ته به اهو ماڻهو سڄي عمر تنظيم ۾ ٿي رهندو ۽ رهڻ کپي، ان ڪري جڏهن به ڪو ساٿي ٿڪيو ويهو رهي يا وڏيڪ اڳتي نٿو وڌي يا ٻئي ڪنهن سبب ڪري تنظيم ۾ شامل رهي نٿو سگهي ته پوءِ کين اها ڳالهه جذباتي طور سخت صدمو ٿي پهچائي. ساٿين کي سمجهڻ گهرجي ته اهو قدرتي عمل آهي. هن دنيا جا سڀئي ڪم ۽ عمل اسان جي مرضيءَ جا محتاج نه آهن. فطرت پنهنجي اٽل قانونن تي هلندي رهندي. شيون سرجنديون، ڄمنديون، وڌنديون ويجهنديون، جوان ٿينديون، پاڻ مان ٻيون نيون شيون ڄڻينديون، پوڙهيون ٿينديون ۽ نيٺ فنا ٿينديون رهنديون. اسان کي پنهنجي سوچ اهڙي ڍاهڻ گهرجي جو اسان کي پنهنجي تنظيمي زندگي توڙي ٻي زندگي ۾ ان اڻ ٽر قدرتي عمل تي حد کان وڌيڪ حيرت ۽ صدمو نه رسي.

اسين جيڪي کاڌون ٿا سو سڀ رت بڻجي اسان جي جسم کي خوراڪ نه ٿو ڏئي. کاڌي جو ڪافي حصو پڳهر ۽ ٻي صورت ۾ لڳاتار خارج ٿيندو رهي ٿو.

اهو خراب شيءِ جي خارج ٿيڻ جو عمل نہ هجي ها تہ ماڻهو هڪڙو ڏينهن بہ هلي* نہ سگهي ها. اهڙي طرح اڳي ٽوڙي هاٿي، سمورن انقلابي پارٽين ۾ هڪڙي طرف لڳاتار نوان ماڻهو ايندا رهيا آهن ۽ ٻئي طرف ڀورين ڇڳا ۽ ٻوءِ خراب ٿي ويل عنصر الڳ ٿيندا رهيا آهن ۽ سدائين ائين ٿيندو رهندو.

پراڻا تجربيڪار ڪارڪن تنظيمن کان الڳ ٿين تہ اها بلاشڪ وڏي بدقسمتيءَ جي ڳالهہ چئبي. هر تنظيم کي گهرجي تہ اها هرممڪن ڪوشش ڪري تہ گهٽ ۾ گهٽ پراڻا ڪارڪن سلامت رهن ۽ لڳاتار ڪم ڪندا رهن. پر اِن خواهش جو هر حالت ۾ ۽ مڪمل طرح پورو ٿيڻ ناممڪن آهي. ڪٿي ڪيتري بہ ڪوشش ڪجي تہ بہ بدقسمتيءَ سان اهڙا ڪافي ماڻهو ضرور نڪرندا، جيڪي لازمي طرح يا تہ پاڻ تنظيم کي ڇڏي ويندا يا تہ کين لاچار هاسيڪار الڳ ڪرڻو پوندو. مارڪس، اينجلس، لينن، مائو ۽ هوچي منهہ جهڙا دانا ۽ عظيم انقلابي رهنما بہ اِن صورتحال کي بنيادي طور تبديل ڪري نہ سگهيا. ٻئي طرف اها ڳالهہ انقلاب لاءِ ضروري ۽ فائديمند بہ آهي تہ نئون اچي ۽ مدي کان خارج ٿيل موڪلائي ڪري. جيڪي غلط سوچن ۽ ڪڌن ڪرتوتن وارا ماڻهو دنيا جي انقلابي پارٽين مان نڪري ويا تن مان گهڻا جيڪڏهن توڙ تائين انهن پارٽين تي سوار هجن ها تہ جيڪر دنيا جي انقلابي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جدوجهد ۾ منزل تي هرگز نه پهتل هجي ها. جيڪڏهن چيني ڪميونسٽ پارٽي تي تو ڙ تائين چن تو شيو، چيو چيو ياڻي، لي لي ساڻ، وانگ منگ وغيره جهڙا انقلاب دشمن ماڻهو ڇانيل هجن ها ۽ جيڪڏهن روسي پارٽيءَ تي توڙ تائين مارتوو، پليخانو ۽ ٽراٽسڪي جهڙا عوام دشمن سابق ليڊر سوار هجن ها ته انهن پارٽين جو جيڪر ڪهڙو حشر ٿئي ها!؟ درحقيقت وقت بوقت پراڻي جو خارج ٿيڻ ۽ نئين جو داخل ٿيڻ زندگيءَ جي واڌاري جو بهريون شرط آهي ۽ اسان کي اها ڳالهه چڱيءَ طرح سمجهي ڇڏڻ گهرجي. پي حالت ۾ اسين پراڻي ۽ نقصانڪار جي وقت بوقت خارج ٿيندي رهڻ تي ڏک ۽ ماتم ڪندي پنهنجي نظرياتي، سياسي ۽ تنظيمي رستي تي محڪم ارادي سان اڳتي وڌڻ کان معذور ٿي پونداسين.

ساڳي طرح انقلابي جدوجهد ۾ انقلابين کي ڪيترين تنظيمن ۽ ڪيترا اتحاد ٺاهڻا ۽ ڊاهڻا پون ٿا. اها ڳالهه به ڪيترن اڻ واقف ماڻهن کي سمجهه ۾ نٿي اچي ۽ دشمن ان ڳالهه جو فائدو وٺي، ماڻهن ۾ مايوسي ۽ بي دلي ڦهلائي سگهن ٿا. حقيقت ۾ تنظيمون به پنهن زنده شين وانگر آهن، اهي به سدائين ڦيرڦار ۾ آهن. اهي به وڌن ويجهن ٿيون، جوان ٿين ٿيون، پاڻ سان نين شين کي جنم ڏين ٿيون، پوڙهيون ٿين ٿيون ۽ نيٺ ختم ٿيو وڃن ٿيون. انهن سان کي هڪڙن ڏاڪن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي انقلاب لاءِ فائديمند ھونديون آھن ۽ انھن ۾ شامل ٿيڻ ان وقت ۽ ان ڏاڪي تي انقلاب لاءِ فائديمند ھوندو آھي، اھي پوءِ ڏاڪن تي انقلاب لاءِ نقصانڪار ٿي پونديون آھن ۽ ان وقت ۽ ان ڏاڪي تي انھن ۾ رھڻ انقلاب لاءِ نقصانڪار ۽ انھن کي ڇڏڻ انقلاب لاءِ ضروري ۽ فائديمند ٿي پوندو آھي.

دنيا جي انقلابي تاريخ ۾ اسين ڏسون ٿا ته مارڪس ۽ اينجلس ڪيترين تنظيمن ۽ اتحادن ۾ شامل ٿيا ۽ پوءِ انھن کي ڇڏي اڳتي وڌي ويا، ھنن ضرورت پوڻ تي ھر قسم جي تنظيمن ۾ شرڪت ڪئي آھي ۽ ضرورت ختم ٿيڻ تي انھن کي الوداع چئي اڳتي ھليا آھن.

اينجلس ۱۸۴۱ع ۾ "ھيگل جا نوجوان پوئلڳ" نالي حلقي ۾ شامل ٿيو ۽ پوءِ ان کي ڇڏي ڏنائين، ٻئي سال ھو "ينگ جرمني" نالي حلقي ۾ شامل ٿيو ۽ ان ٽئي سال ان کي ڇڏي برنو بائر جي "آزاد" حلقي ۾ شامل ٿيو ۽ جلد ئي ان مان به نڪري ويو. ۱۸۴۶ع ۾ مارڪس ۽ اينجلس "ڪميونسٽ خط و ڪتابت جي ڪميٽي" برپا ڪئي، ۱۸۴۷ع ۾ وري ھو "انصاف پسندن جي ليگ" ۾ شامل ٿيا. ۱۸۴۸ع ۾ ھو "ڪميونسٽ ليگ" ۾ شريڪ ٿيا ۽ ان جي پاران جڳ مشهور ڪميونسٽ پڌرنامو لکي ان کان منظور ڪرايائون. پنج سالن اندر انھيءَ ليگ وري کين ڇڏي ڇڏيو. ۱۸۵۲ع ۾ ھنن خود ڪميونسٽ ليگ کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏوڙڻ جو اعلان ڪيو. ١٨٦٣ع ۾ جڳ مشهور بين الاقوامي پورهيت تنظيم قائم ڪيائون ۽ ١٨٧٦ع ۾ اها ختم ڪري ڇڏيائون. ١٨٨٩ع ۾ اينجلس وري ٻي بين الاقوامي پورهيت تنظيم جو پايو وڌو. اها پوءِ موقعي پرست ٿي پيئي ۽ ان کي پوءِ لينن انقلاب دشمن ٺهرائي رد ڪري ڇڏيو ۽ ان جي مقابلي ۾ ٽي بين الاقوامي پورهيت تنظيم قائم ڪيائين. اها به نيٺ خراب ٿي پيئي ۽ ان کي وري مائوزي تنگ خراب ۽ رد ٺهرايو.

ڪارڪنن ۾ ڪم جي ورهاست تنظيم جي وقتي ۽ ڏکي غرضي جي ضرورتن آهر ٿئي ٿي. ڪن حالتن ۾ سخت ضرورت جي حالت ۾ ڪن اڏ پڪن ماڻهن کي ٻيون اهم ذميواريون ڏيڻيون پون ٿيون. جيستائين هو اهي ذميواريون پوريون ڪري سگهن ٿا، تيستائين کين اتي رکيو وڃي ٿو ۽ جڏهن کين ٻين ذميوارين ڏيڻ جي ضرورت پوي ٿي ته کين بدلي ڪيو وڃي يا واپس اڳوڻي ڪم سان لڳايو وڃي ٿو. اڪثر ساٿي اڳي کان وڌيڪ ذميوارين ملڻ لاءِ خوشيءَ سان تيار ٿين ٿا. پر جڏهن حالتن جي تقاضا موجب کين واپس اڳئين ڊيوٽيءَ لاءِ چيو وڃي ٿو تڏهن هو سخت ناراض ٿين ٿا. هو ان کي وقار جو مسئلو بڻايو وجهن. ڪيترا ساٿي ايتري قدر ڪري پون ٿا جو سندن ڊيوٽين ۾ ردوبدل کي هو حق تلفي ۽ ذاتي بي عزتي ڪري سمجهن ٿا ۽ پنهنجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنظيم خلاف سخت دشمني ۽ وير وارو رويو اختيار ڪن ٿا. هو ظاهري طرح تنظيم سان ها ۾ ها ملائيندي اندر ئي اندر ان جي خلاف ڪيني، ساڙ ۽ تعصب جو اظهار ڪندا، سازشون ڪندا ۽ گهاٽ گهڙيندا رهندا آهن. ڪي ته مورڳو ٽولا ٺاهي پنهنجي تنظيم جي دشمنن سان سازش ڪري، تنظيم خلاف هنڌ هنڌ زهر اوڳاري، ڪوڙيون چغليون هڻي، پنڊيون پاري، ان کي ٽڪر ٽڪر ڪري، ڪائنس بدلو وٺڻ لاءِ چٽيون ڪوششون ڪرڻ کان به نه مڙندا آهن.

منهنجي ڳالهه مڃيو نه ته......

ساڳيءَ طرح ڏٺو ويو آهي ته ڪنهن معاملي بابت ڪن ساٿين جي ڪا راءِ تنظيم جي اڪثريت قبول نٿي ڪري ته هو ان کي ذاتي وقار جو مسئلو بڻايو تنظيم کي زبان سان نه ته عملي طرح آخرين نامو ڏيو ٿا ڏين ته ”اسان جي ڳالهه قبول نه ڪندا ته اسين ڪم نه ڪنداسين ۽ تنظيم خلاف بائيڪاٽ ۽ سازش ڪري ان کي ڊاهينداسين.“

لينن بائيڪاٽن ۽ پين اهڙن دٻاءَ جي طريقن بابت لکيو آهي ”(اسان جي) پارٽي جيڪا وسيع عوامي تحريڪ جي بنياد تي بيٺل آهي، ان تحريڪ جي باشعور ترجمان آهي، ڪم ڪرڻ گهري ٿي ۽ ڪنهن به قسم جي گروهه بندي ۽ تنگ نظر فرقي پرستيءَ کي رد ڪري ٿي، تنهن ۾ هميشه قسمين قسمين سوالن تي انفرادي راين جا اختلاف پئي ڪڙا ٿيا آهن ۽ سدائين لازمي طرح

ڳڙا ٽيندا رهندا. پر جيڪڏهن اسان جي پارٽي ميمبرن کي طبقاتي سمجهه ۽ سُرت رکندڙ وبڙهو ۽ جانباز پورهيتن جو لائق عيوضي ۽ عالمي پورهيت تحريڪ ۾ حصيدارَ ٺيڻو آهي ته پوءِ کين پنهنجي وس آهر وڌ ۾ وڌ اهڙا ڪوشش ڪرڻ گهرجي ته اسان جي پارٽي پروگرام جي اصولن جي تشريح ۽ انهن کي عمل ۾ آڻڻ بابت جيڪي به انفرادي اختلاف ٿين، انهن کي ڪنهن به حالت ۾ اها اجازت هرگز نه ڏين ته ڪي آهي پارٽيءَ جي مرڪزي ادارن جي رهنمائي هيٺ ڳنڍيل ڪم ساز سلوڪ سان هلڻ ۾ ڪنهن به قسم جي ڪابه رنڊڪ وجهن يا وجهي سگهن. اسين پنهنجي پروگرام ۾ دنيا جي پورهيتن جي فرضن بابت جيتري اونهي ۽ وسيع سمجهه ۽ پروڙ رکندا هجون، جيترو گروهه بنديءَ نتيجڙن ٻولن واري خسيس جذبي ۽ مان ۽ مرتبي جي خيالن کان پري هجون اوتري ئي اسان کي اها ڪوشش وڌائڻ گهرجي ته پارٽي ميمبرن جي وچ ۾ جيڪي اختلاف هجن. تن ئي ڪنهن هل بکيڙي کان سواءِ ۽ انصاف روءِ بحث مباحثو ڪيو وڃي ۽ انهن هرگز ٿيڻ نه ڏجي ته اهي اختلاف اسان جي ڪم ۾ رنڊڪ وجهن، اسان جي سرگرمين ۾ خلل وجهن ۽ اسان جي مرڪزي ادارن جي صحيح نموني ڪم ڪرڻ جي ڳالهه ۾ ڪابه رڪاوٽ وجهن.

”پارٽيءَ جي ڪائونسل، پارٽيءَ جي اعليٰ کان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اعليٰ اداري جي حيثيت ۾ سڀني ڏڦير وجهندڙ حرڪتن، ڪم ڪرڻ کان سڀني انڪارن، سڀني بائڪاٽن جي سخت مذمت ڪري ٿي، چاهي اهي غلط ڪم ڪير به ڪٿي ڪري.... پارٽي ميمبرن جي وچ ۾ ڪٿي ڪهڙا به اختلاف ڇو نه هجن ۽ ڪنهن به مرڪزي اداري ۾ جيڪي ماڻهو شريڪ آهن، تن بابت ڪٿي ماڻهوءَ کي ڪيڏي به ناراضگي ڇو نه هجي پر اهڙي ڪا به ڳالهه ڪنهن به ميمبر کي اهو جائز سبب نٿي ڏئي ته ماڻهو پنهنجي (پارٽي) ڪم جو بائڪاٽ ڪري ويهي رهي يا ويڙهه جا اهڙا ڪي پيا طريقا اختيار ڪري جن مان اصولن ۽ آدرشن جي اڻاٺ ظاهر ٿئي ۽ اهو نظر اچي ته ڪنهن ٽوليءَ جي مفادن خاطر پارٽيءَ جا مفاد قربان ڪيا پيا وڃن ۽ مان مرتبي جي تنگ خيالن تان پورهيت طبقي جي تحريڪ جي مفادن کي قربان ڪيو پيو وڃي" (لينن: مڪمل لکڻيون؛ جلد ۷ ص ۱۲۷-۱۲۸)۔

اهڙي طرح ڪيترا ساٿي خود خياليءَ جي مرض ۾ مبتلا ٿين ٿا، جمهوري مرڪزيت ۽ تنظيمي ضابطي جي اصول تي هلڻ، تنظيم جي حڪمن جي تعميل ڪرڻ ۽ اڪثريت جي فيصلن تي سختيءَ ۽ وفاداريءَ سان عمل ڪرڻ بدران خود تنظيم تي حڪم هلائڻ لڳن ٿا ۽ ان تي پنهنجي ذاتي ڊڪٽيٽرشپ مڙهڻ جي ڪوشش ڪن ٿا.

ان قسم جون ڳالهيون ڪنهن حد تائين انهيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري ٿي سگهيون آهن جو اسان جي نظرياتي پيڙهه ڪچي آهي ۽ ڪو به دشمن اسان جي نظرياتي ڪچائي ۽ ڪمزوريءَ جو آسانيءَ سان فائدو وٺي اسان مان گهڻن کي گهٽين ٿي ڳالهين ۾ منجهائي ۽ ٻرغلائي سگهي ٿو. اسان جو فرض آهي ته اسين پنهنجي نظرياتي ڪچائي ۽ ڪمزوريءَ خلاف مضبوط ۽ محڪم ارادي سان سخت ويڙهه ڪريون. اسان کي پنهنجي تنظيم ۽ عوام جي مفادن جي بچاءَ لاءِ هيءَ ڪا پهرين ويڙهه ڪانه پئي ڪرڻي پوي. اسين بار بار ۽ لاڳيتو اهي ويڙهيون ڪندا ۽ سخت جدوجهد بعد سوڀون ڪندا رهيا آهيون. اسان کي اڳتي به اهڙيون ۽ انهن کان به سخت سوين هزارين ويڙهيون ڪرڻ لاءِ ذهني طرح تيار رهڻ گهرجي. اهي لڙايون عوام دشمن، انقلاب دشمن زهرن جو اوتار ۽ ترياق آهن. اسان جو فرض آهي ته تنظيم کي درپيش مسئلن ۽ انهن جي انقلابي حلن بابت پڪي پختي ڄاڻ حاصل ڪريون، پنهنجي نظرياتي سطح اوچي ڪريون، هر قسم جي تنظيم دشمن لاڙن تي اکر رکون، انهن جي ڇنڊڇاڻ ڪريون ۽ انهن کي اگهاڙو ڪري انهن جو تدارڪ ڪريون. هر دشمن جي هر سازش جو منهن ٽوڙ جواب ڏيون ۽ پنهنجي سوڀاري تنظيم ۽ سورهيه عوام کي هڪ دفعو وري سرخرو ۽ سوڀارو ڪريون. اسان کي گهرجي ته پنهنجي دليان پائمرادو اڳتي وڌڻ جي صلاحيت کان پورو پورو ڪم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڌون، پنهنجي قابليت ۽ سرجوشي سان انقلابي وطن دوست پورهيت تعليم جو ڀرپور مطالعو ڪريون، پنهنجي تخليقي ڪم ڪرڻ جي صلاحيت وڌايون، ذميواريون کڻڻ لاءِ تيار ٿيون، تنظيم جي ڪم لاءِ جوش خروش ڏيکاريون، سوال اٿاريون، رايا ظاهر ڪريون ۽ خرابين تي تنقيد ڪريون، اڳواڻ ادارن ۽ ڪارڪنن تي ساٿين واري چوڪسي رکون، سموري تنظيم جي نظرياتي، سياسي ۽ تنظيمي ڪم تي ساٿين واري تنقيد ڪريون ۽ ان جي ڪمزورين ۽ خامين کي ساٿين وانگر ظاهر ڪريون. ان سچي ڪم ۾ نظرياتي سڌاري کي اوليت ڏيڻ کپي جو اها ئي سچي ڪم جي ڪنجي آهي.

اچو ته پنهنجي عوام ۽ تنظيم تي اٽل ويساھ رکون. تنظيم جي موقف تي قائم رهون. ان جي حفاظت ڪريون، چالاڪي، سازش، فتني، ڪوڙي پروپيگنڊا، لفاظي ۽ فتنه انگيزيءَ سان تنظيم جي تختي اٿلائڻ جي هر عوام دشمن، انقلاب دشمن سازش کي ناڪام بڻايون. جمهوري مرڪزيت کي زور وٺايون، ڇڙواڳ جمهوريت جون پاڙون پٽيون. تنظيم جي اڳواڻي کي ڪمزور يا ختم ڪرڻ ۽ تنظيم جي ڪمر ٽوڙي ڇڏڻ جي ڪنهن به ڪوشش کي ناڪام بڻايون. سخت ۽ اڻٿڪ جدوجهد ڪرڻ ۽ پگهر ۽ رت ڏيڻ کان سواءِ سولي سوڀ حاصل ڪرڻ جا خيال پنهنجين دلين مان تڙي ڪيون. پنهنجي ويڙهو جذبي کي اڃا به تيز ڪريون. پنهنجي نظرياتي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ تنظيمي پٺ مضبوط ڪري، سڀ طرفي واڌاري لاءِ ميدان تيار ڪري، تيزيءَ سان اڳتي وڌون! اچو تہ همت ڌاريون، وڙهڻ لاءِ سنڌرو ٻڌون، مشڪلاتن کي منهن ڏيون ۽ ڇولين وانگر اڳتي وڌون. اچو تہ صحيح ۽ پختو سياسي رخ برقرار رکون ۽ سخت جدوجهد جو ڍنگ وڏيڪ مضبوطي سان اختيار ڪريون. تنظيمي ۽ ضابطي جي جمهوري مرڪزيت جي اصول جي بنياد تي پنهنجي تنظيم جي سمورين قوتن کي متحد ڪري، ان ٻڌيءَ جي وسيلي پنهنجي سموري مظلوم عوام ۽ سچي قوم جي ۽ سچي ملڪ جي عوام جي ٻڌي حاصل ڪريون.

جيئي سنڌ! جيئي پورهيت عوام!

جيئي سمورين مظلوم قومن ۽ سمورين قومن جي مظلوم عوام جي ٻڌي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي ڪتاب الهه بچائي بلوچ سردار پرنٽنگ پريس،
گاڏي کاتي حيدرآباد مان ڇپائي پڌرو ڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، چُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندَڙُ، ياڙي، ڪاڙُو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنی e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌَڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَـنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي ورِي پَـنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، پَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَـنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَـنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَـنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَـنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي ته هو وَسَ پٺاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن ڄاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻڄاڻائي کي ڀاڱَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻجاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.
۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو.
اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book